# انگي حساب

تاهيل

شيخ عبدالحق شيخ عبدالله قريشي

ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٺٽا اسڪولس جو

۽

منظور ڪيل

جناب ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب

بهادر سنڌ جو

ٻيون ڇاپو جلد ٢٠٠٠

سنه ١٩١٧ ع

قديمي ڪتب خانو
پراڻو مدرسو
محمد صالح قائم شاه

ا ڪتب خانو ميهڙ
ڪيم احمد رضا اڱرو
نمبر

سڀ حق واسطا قائم

---

ملي سگهندو:- سيد ميان محسن شاه

ڪتب فروش فقيره پڙ حيدرآباد سنڌ وٽان

Printed by R. H. Advani B.A. at the
" Standard Printing Works " Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ديباچو

تعليم جي ڪمن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ کانپوءِ حساب جو ڪم بلڪل ڪارائتو آهي. ٻارن جي هوش ۽ عقل وڌائڻ ۽ دنيائي وهنوارن ۾ مدد ڪرڻ هنجو اولي ڪم آهي.

موجوده حسابي ڪتاب خاص ڪري خانگي مڪتبن ۾ ڪارائتا ثابت نه ٿيا آهن جنهجا وڏا ٻه سبب آهن.

١- ته عام طرح پاڙهيندڙن جي علمي لياقت محدود آهي

٢- خود ڪتاب سندن ضرورت کان وڌيڪ آهن.

مصنف هي ننڍو ڪتاب سمجهاڻين ۽ قسمن قسمن جي مثالن سميت ڏنو آهي. اميد ٿي ڪجي ته پاڙهيندڙ ۽ پڙهندڙ هرڪ باب کي شوق سان ڏسندا ۽ سمجهندا ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو ته حسابي ڪم، جو هاڻ بي خياليءَ سان ٿئي ٿو سو هڪ وڻندڙ ۽ دلچسپ ڪم ٿي پوندو.

مطلب ته هن ڪتاب کي وڏن حسابي ڪتابن جي ڪنجي سمجهڻ گهرجي.

عبدالحق

ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ملا اسڪولس

# انگي حساب

## باب پھريون

### انگ سکڻ ۽ لکڻ.

١- سيکاريندڙ ڪا ٻه ھڪڙي شئي قلم، پنو، پينسل، مٽڪو، وغيره ھٿ ۾ کڻي ٻارن کي ڏيکاري پڇي، ته ڪيتريون شيون منھنجي ھٿ ۾ آھن؟ ڇوڪر چوندا ته ھڪ شئي. اُن وقت بورڊ تي ھڪ اڀي ليڪ (١) ڪڍي ڇوڪرن کي ٻڌائي، ته ھڪ جي انگ مجي لکيل صورت ھيءَ آھي. پوءِ ٻي ٻه ھڪ شئي کڻي ڇوڪرن کي ڏيکاري. ٻئي ملائي پڇا ڪري ته ھنئر ھٿ ۾ مڙئي ڪيتريون شيون آھن؟ ڇوڪر چوندا ٻه. اُن بعد بورڊ تي ٻن جي انگي صورت (٢) لکي ڏيکاريندو. آھڙيءَ طرح نمبروار ھڪ ھڪ شئي کڻي اڳين شين سان ملائي، ڇوڪرن کان انھن جو عدد ڪرائي نئون انگ چوائي، ۽ بورڊ تي ان جي لکيل صورت ٻه ڪين لکي ڏيکاري، تان جو ٩ جي انگ تائين ڪين سيکاري ھميشه ريت.

| نالو | شئي جو عدد | انگن ۾ صورت |
|---|---|---|
| ھڪ | ا | ١ |
| ٻه | اا | ٢ |
| ٽي | ااا | ٣ |
| چار | اااا | ٤ |

| | | |
|---|---|---|
| پنج | ||||| | ٥ |
| ڇهه | |||||| | ٦ |
| ست | ||||||| | ٧ |
| اٺ | |||||||| | ٨ |
| نو | ||||||||| | ٩ |

٢- پر جيڪڏهن ڪا به شئي ڪا نه هوندي ته ان جي لاءِ نشاني ڏيندي (٠) جنهنکي سڃ جي ٿو ٻڙي - انهن ڏهن نشانين مان هر هڪ کي انگ چئجي ٿو.

ان کان پوءِ ٻڌائجين ته سيڪڙي انگ مٿين ڏهن نشانين مان هڪ يا وڌيڪ جي ڪم آڻڻ سان ٺهن ٿا.

٣- هنئر نون کان مٿي انگ سيکارڻ جي ريت: نَو شيون اڳي ڳڻي رکيون اٿئون، هاڻي ٻي هڪ شئي ڳڏي پڇجو ته ڇوڪر چوندا ڏهه شيون آهن. ڪين ٻڌايو ته انهن ڏهن شين کي ٻڌي هڪڙي موڙي ٿا ڏاهيون. ڏسو ته فقط اِها ڏهن شين جي ٻڌل هڪ موڙي رکيل هوندي، مگر اُن کان سواءِ ڇڙيل يا جدا ٻي شئي نظر ڪا نه ايندي. اِن حالت ۾ هڪ موڙيءَ لاءِ بورڊ تي هڪ جو انگ لکو، ۽ ٻي جدا شئي جا رکيل ڪانهي، اِنڪري اُنجي جاءِ خالي ڏيکارڻ لاءِ هڪ ساڄي پاسي ٻڙي (١٠) ڏيئي ڇڏڻ گهرجي، جنهن مان معلوم ٿيندو ته اهو انگ هڪ جي ڏهوڻ آهي. هنئر ڏهن شين ۾ ٻي هڪ شئي ڳڏڻ سان بورڊ تي لکو ته ڏهن جي موڙيءَ لاءِ هڪ ساڳيو، باقي ڇڙيل شئي نه هئڻ ڪري جو اُنجي خالي جاءِ رهيل يعني ٻڙي (٠) ڏنل هئي،

هزار جي انگ (١٠٠٠) کي اڃا به اڳتي وڌائيندا هلندا، ته ڏسندا ته چئن انگن سان لکندڙ وڏي ۾ وڏو انگ (٩٩٩٩) ٿيندو. ۽ اُن ۾ هڪ ايڪي گڏڻ سان ڏهه هزار (١٠٠٠٠) ٿيندا، جن مان هڪ هزار جڙيو، جو پنجين جاءِ تي لکجي ٿو ۽ سندس ساڄي پاسي چار ٻڙيون ڏجن ٿيون.

٦ـ جڏهن معلوم ٿي چڪو، هر هڪ انگ پنهنجي قيمت سارو ڪهڙي جاءِ تي لکجي ٿو، تڏهن استعمال ڪرڻ لاءِ شروعات ۾ هن ريت خانا ٺهرائي درجا لکائڻ گهرجن:

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار | ڏهه هزار |
|---|---|---|---|---|
| ٦ | ٩ | ٣ | ٧ | ٥ |

٥٧ هزار (٧ هزار ۽ ٥ ڏهه هزار) ٣ سو ڇهانوي ٩٦ (٦ ايڪا ۽ ٩ ڏهاڪا) هنن خانن جا نمبروار نالا هن ريت آهن: ايڪن، ڏهن، سون، هزارن، ڏهه هزارن.

## استعمالي سوال

٧ـ انگن سيکارڻ بعد هيٺيان سوال ڇوڪرن کان پڇڻ گهرجن:

(الف) هيٺين ڏهاڪن ۽ ايڪن مان انگ ٺاهي ٻڌايو:

١ـ ٢ ڏهاڪا ۽ ٧ ايڪا. ٢ـ ٤ ڏهاڪا ۽ ٩ ايڪا. ٣ـ ٨ ڏهاڪا ۽ ٢ ايڪا. ٤ـ ٧ ڏهاڪا. ٥ـ ٦ ڏهاڪا ۽ ٦ ايڪا. ٦ـ ٥ ڏهاڪا ۽ ٣ ايڪا. ٧ـ ٩ ڏهاڪا ۽ ٨ ايڪا وغيره.

(ب) هيٺين انگن جا ڏهاڪا ۽ ايڪا ڇڻو:
١-٣٢، ٢-١٩، ٣-٣٧، ٤-١٥، ٥-٩٥، ٦-٦٧، ٧-٧٩، ٨-٧٠، ٩-٨٨، ١٠-٩٥، ١١-٩٩ وغيره.

## باب ٻيو.

### انگ ۽ درجا پڙهڻ ۽ لکڻ.

٨- مٿي ڏيکاري آياسون ته گهڻن انگن جي لکيل درجي ۾ ساڄي پاسي وارو پهريون انگ اوترا ايڪا ٿو ڏيکاري؛ ۽ ان کان پوءِ يعني ٻي جاءِ تي لکيل انگ اوترا ڏهاڪا؛ ۽ ٽي جاءِ تي لکيل انگ اوترا سؤ؛ ۽ چوٿين جاءِ تي لکيل انگ اوترا هزار ٿو ڏيکاري. جئن ته ٤٥٣٧؛ هن جو مطلب آهي چار هزار پنج سؤ (ٽي ڏهاڪا ۽ ست ايڪا) ستٽيهه.

٩- گهڻن انگن ۾ لکيل ڪو به درجو جڏهن پڙهبو آهي، تڏهن پهرياءُ ساڄي پاسي کان انجو ڳاڻيٽو ڪبو يعني ساڄي پاسي جي پهرئين انگ کان نمبروار ايڪن، ڏهن، سون، هزارن، وغيره گڻي درجي جي پڇاڙيءَ واري انگ تي اچي بيهبو؛ پوءِ ان جي پڇاڙيءَ واري انگ تي جنهن خاني جو نالو اچي، تنهن کان وٺي اُبتو ايڪن جي انگ تائين اهي درجي جا انگ پڙهي وڃبا. جئن ته ٣٧٦٤٥؛ هن ۾ ٥ کي ايڪن ۽ ٤ کي ڏهن ۽ ٦ کي سون ۽ ٧ کي هزارن ۽ ٣ کي ڏهه هزارن وارا ڏيباءِ؛ پوءِ پڙهڻ وقت اُبتو هلبو يعني ستٽيهه هزار (ٽي ڏهه هزار ۽ ست هزار) ڇهه سو پنجيتاليهه (چار ڏهاڪا ۽ پنج ايڪا)

اھڙيءَ طرح جڏھن شاگرد ٻاڻ سمجھي وڃن تڏھن
ھيٺين طور ٻڪي جو ڪوڙو ياد ڪن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايڪ | ڏون يا ٻڪو | ڏون يا ٻہ | ٢ |
| ٻہ | ڏون يا ٻڪان | چار | ٤ |
| ٽہ | ڏون يا ٻڪان | ڇہ | ٦ |
| چار | ڏون يا ٻڪان | اٺ | ٨ |
| پنج | ڏون يا ٻڪان | ڏھہ | ١٠ |
| ڇہ | ڏون يا ٻڪان | ٻارھن | ١٢ |
| ست | ڏون يا ٻڪان | چوڏھن | ١٤ |
| اٺ | ڏون يا ٻڪان | سورھن | ١٦ |
| نو | ڏون يا ٻڪان | ارڙھن | ١٨ |
| ڏھہ | ڏون يا ٻڪان | ويہ | ٢٠ |

تنھنکانپوءِ ٽڪي جو ڪوڙو ٻہ ٻڪي ڪوڙي وانگر
ٻاڻ ڪڪڙين سان ڏاھي وڃن ۽ پوءِ برزبان ياد ڪن.

( ڪوڙو ٽڪي جو )

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايڪ | ٽڪان يا ٽي | ٽي | ٣ |
| ٻہ | ٽڪان يا ٽي | ڇہ | ٦ |
| ٽہ | ٽڪان يا ٽي | نو | ٩ |
| چار | ٽڪان يا ٽي | ٻارھن | ١٢ |
| پنج | ٽڪان يا ٽي | پندرھن | ١٥ |
| ڇہ | ٽڪان يا ٽي | ارڙھن | ١٨ |
| ست | ٽڪان يا ٽي | ايڪيھہ | ٢١ |
| اٺ | ٽڪان يا ٽي | چوويھہ | ٢٤ |
| نو | ٽڪان يا ٽي | ستاويھہ | ٢٧ |
| ڏھہ | ٽڪان يا ٽي | ٽيھہ | ٣٠ |

مٿيون فهمايشون سيني ڪوڙن لاءِ آهن ڪوڙن سڪڙ جو مطلب هيءُ آهي تہ اڳتي حسابن ۾ ڪم اچن يعني جيڪڏهن چئجي تہ هڪ ڇوڪر کي ٣ - آنب ٿا ملن تہ پنجن ڇوڪرن کي ڪيترا انب ملندا - تہ يڪدم ٽڪي جي ڪوڙي جي مدد سان معلوم ٿيندو تہ ١٥ - انب ملندا سا ڳيو حساب جوڙ جي رستي ٣ کي ٥ دفعا هڪ ٻئي هيٺان رکي جوڙ ڪبو تہ جواب ١٥ نڪرندو جئن -

٣<br>
٣<br>
٣<br>
٣<br>
٣

---

جواب ١٥ - انب

پر اهڙيطرح ڪرڻ ۾ وقت وڌيڪ ٿو لڳي - تنهن ڪري ڪوڙي جي مدد سان ترت ۽ سهنجائي سان اهڙا حساب ڪڍي سگهجن ٿا ڇو تہ ضرب هڪڙو سولو رستو جوڙ جو آهي •

## باب چوٿون

### نشانيون

+ هيءَ نشاني جوڙ جي آهي جنهنکي واڌو ڪري پڙهبو آهي اها نشاني جن رقمن يا انگن جي وچ ۾ ڏسو تہ يڪدم سمجهو تہ اهي رقمون يا انگ جوڙ ڪرڻا آهن •

— هيءَ نشاني ڪٽڻ جي آهي جنهنڪري ڪاٽو نالي سان سڏبو آهي.

(×) يا (جو) هي نشانيون ضرب جون آهن جن کي ضربيان يا (ٻيڻان) ڪري سڏبو آهي.

(÷) هيءَ نشاني ونڊ جي آهي جنهنڪري (ونڊيان) ڪري ڄاڻبو آهي.

(=) هيءَ نشاني برابري جي آهي جنهنڪري برابر ڪوٺبو آهي.

## باب پنجون

### ( سادي جوڙ )

سادي جوڙ جو رستو اهو آهي جنهن جي وسيلي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ هڪ جهڙين رقمن کي گڏي هڪ ڪجي جيئن ته ٢-انب ۽ ٤-انب ۽ ٦ انب جوڙ ڪريو يعني ٻڌايو ته مڙيئي انب ڪيترا ٿيا.

**قاعدو** - چڱو ائين آهي ته پهريائين جيئن ٢، ٤ ۽ ٦ انب رکي پاڻ گڏي وري ڳڻائجن. اهڙيءَ استعمال بعد آڱرين جو زباني جوڙ ڪرائجي، هن ريت:

١- ٧ ۽ ٽي ڪندا هلو ۽ ٻڌايو ته پوري پوري ڪيترا ٿيا.

٢- ٣ ۽ ٥ ۽ ٩ گڏيندا ٢٠ تائين جوڙ ڪريو وغيره.

جڏهن انهن ۽ ٻين جو استعمال ٻارن کي ٿئي، تڏهن اڪيلي نمونو ڪين سيکارجي، هن ريت: ته مڙيئي رقمون نمبروار هڪ ٻئي هيٺان لکي وجهو. ايڪا ايڪن هيٺان، ڏهاڪا ڏهاڪن هيٺان، سو سون هيٺان، پوءِ جوڙ ڪريو. جيڪڏهن ايڪن مان ڏهاڪو ٺهي سگهي ته ڏهاڪي کي ٻيائي ڏهاڪن جي خاني ۾ رکو مثلا مٿيون حساب هن طرح ڪبو.

| ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|
| | ٢ |
| | ٤ |
| | ٦ |
| ١ | ٢ |

يعني هڪ ڏهاڪو ۽ ٢ - ايڪا يا ١٢ - ايڪا

هن حساب ۾ ايڪا جوڙ ڪيا سون تہ ٢ ۽ ٤ ٿيا ٦ ۽ ٦ سي ٿيا ١٢ - پر ١٢ مان هڪ ڏهاڪو ٿيي سگهيئو تنهڪري ڏهاڪو ٿپائي ڏهاڪن جي خاني ۾ رکيوسون باقي ٻہ ايڪا ايڪن جي جاءِ تي رکيا ويا تنهڪري جواب ٿيو هڪ ڏهاڪو ۽ ٻہ ايڪا جملہ ١٢ - انب.

مثال ٢ - ٦ ۽ ٨ ۽ ١٠ جوڙ ڪريو يعني ١٠ + ٨ + ٦

قاعدو مٿي سمجهايو ويو آهي - اهو خيال ۾ آڻي هن طرح رات ڪريو.

| ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|
| | ٦ |
| | ٨ |
| ١ | ٠ |
| ٢ | ٤ |

يعني ٻہ ڏهاڪا ۽ ٤ - ايڪا يا ٢٤

ايڪا ايڪن سان جوڙ ڪياسون تہ ٿيا ١٤ - تنهن مان هڪ ڏهاڪو ڏهاڪن جي خاني ۾ ڏي ڪڍي ٤ - ايڪا - ايڪن جي خاني ۾ رکياسون - وري اڳتي ٻہ ڏهاڪا ٿيا سي ڏهاڪن جي خاني ۾ رکيا ويا تنهڪري جواب ٿيو ٢ ڏهاڪا ۽ ٤ - ايڪا يعني ٢٤

مثال ٣ - ١٣ ۽ ٢٤ ۽ ٣٨ ۽ ٤٩ جوڙ ڪريو يعني

١٣ + ٢٤ + ٣٨ + ٤٩

شاگردن کي ايڪن ۽ ڏهاڪن ۽ سون جي سمجهاڻي اڳيئي گهڻي قدر سيکاري ويئي آهي ماڻي جوڙ سيکارڻ مهل هيٺين طرح جنسي شين سان پڻ استعمال ڪرائجي مثلا مٿيون حساب يعني ١٣ ۽ ٢٤ ۽ ٣٨ ۽ ٤٩ جوڙ ڪرڻا آهن ته هن ريت ڪجي.

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | ايڪا | ڏهاڪا |
|---|---|---|---|---|
| ٣ | ١ | ٠ | ••• | □ ڏهاڪا |
| ٤ | ٢ | ٠ | •••• | □□ ڏهاڪا |
| ٨ | ٣ | ٠ | ••••••••• | □□□ ڏهاڪا |
| ٩ | ٤ | ٠ | •••••••••• | □□□□ ڏهاڪا |
| ايڪا | ڏهاڪا | سو | ايڪا | ڏهاڪا |
| ٤ | ٢ | ١ | •••• | (□□) |
| | | | | سو |

يعني جواب ٿيو (١٢٤) هڪ سو چوويه

اهڙيطرح سمجهڻ کانپوء هيٺيان حساب سڀ هيٺين طرح ڪرڻ گهرجن -

مثال ٤- ٣٥ ۽ ٤٢ ۽ ٨٨ جوڙ ڪريو

| ايڪا | ڏهاڪا | سو |
|---|---|---|
| ٥ | ٢ | ٠ |
| ٢ | ٤ | ٠ |
| ٨ | ٨ | ٠ |
| ٥ | ٥ | ١ |

واٽ

يعني هڪ سؤ ۽ ٥ ڏهاڪا ۽ ٥ ايڪا يا ١٥٥ جواب

ايڪا جوڙ ڪياسون ته ٿيا ١٥ - تن مان هڪ ڏهاڪو ڏهاڪن ڏي کڻي رهيل ٥ - ايڪا ايڪن جي خاني ۾ رکياسون پوءِ ڏهاڪا جوڙ ڪياسون ته ٿيا ١٥ - تن مان ڏهن ڏهاڪن جو سو ٿيو - مٿي ٥ ڏهاڪا بچيا سي ڏهاڪن جي خاني ۾ رکياسون ۽ هڪ سو سون جي خاني ۾ رکيو ويو.

(٥) ٦٢٠ ۽ ٩٢٢ ۽ ٤٧٥ ۽ ٨٨٨ جوڙ ڪريو يا ٨٨٨ + ٤٧٥ + ٩٢٢ + ٦٢٠

| هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|
| (٢) | (٢) | (١) | |
| ٠ | ٦ | ٢ | ٠ |
| ٠ | ٩ | ٢ | ٢ |
| ٠ | ٤ | ٧ | ٥ |
| ٠ | ٨ | ٨ | ٨ |
| ٢ | ٩ | ٠ | ٥ |

يعني ٢ هزار ۽ نوسو ۽ ٥- ايڪا يا ٢٩٠٥ جواب

ٻيءَ صاف ريت

| | | |
|---|---|---|
| (٢) | (١) | |
| ٦ | ٢ | ٠ |
| ٩ | ٢ | ٢ |
| ٤ | ٧ | ٥ |
| ٨ | ٨ | ٨ |
| ٢٩ | ٠ | ٥ |

٢٩٠٥ - جواب.

عثمان کي ٣٢ ۽ سيني کي گهٽا رپيا سرڪار مان مليا .

(وات) آخوند محمد حسين کي ٣٩ رپيا ، قاضي قادربخش ، کي ٥٧ رپيا ، مولوي عثمان کي ٣٢ رپيا ، انهن سڀني کي ڪل ١٢٨ ا رپيا مليا .

جوڙ جا حساب

(١) الف ١٧ + ٢٢ (ب) ١٩ + ٢٨

(٢) الف ٣٣ + ٥٤ (ب) ٦٥ + ٩٧

(٣) الف ٢٧ + ٣٧ + ٦٤ (ب) ٩٧ + ١٠٨ + ٤٥٤

٤ الف ـ ٧٩ + ٣٠٧ + ٢١٠ + ٧٠٠ + ٨٠٥ + ٢٦٩ .

٤ ب ـ ١٠١ + ١٠٠١ + ٧٢٩ + ٢٠٢٠ + ٣٦٠٤ .

٥ الف ـ ١٤٧ + ٣٠٩ + ٨٩ + ١٠٠ + ٩٠٢٥ .

٥ ب ـ ٥٣٧ + ٦٠٧ + ٤٩ + ٢٠٠٧ + ٧٠٢٩ .

٦ الف ـ ٦٩١ + ١٠٢٥ + ٤٩٤٤ + ١٧٠١

٦ ب ـ ٩٠٠١ + ٢١٥٣ + ٥٤٦٥ + ٤١١٢ .

(٧) ٦٠٥١ + ١٢١٣ + ٥١٤٣ + ٣٩٠٩ .

(٨) ١٠٢١ + ٣٦٥٥ + ٨٤٠١ + ٥٥٥٥ .

(٩) ڪراچي کان ڪوٽڙي ١١٠ ميل آهي ڪوٽڙي کان حيدرآباد ٦ ميل آهي حيدرآباد کان بدين ٦٢ ميل پري آهي ته ٻڌايو ته ڪراچيءَ کان بدين ڪيترو پنڌ آهي ؟

(١٠) شڪارپور ۾ ٥٠٠ دڪان ڪپڙي وڪڻندڙن جا آهن ۽ ٤٨ دوڪان درزين جا آهن ۽ ١٠٢ دوڪانن

موچين جا آهن ۽ ٢٣٠ دُڪان آن وڪڻندڙن جا
آهن ۽ ٨١٨ دُڪان ٻئي ريزڪي سامان وڪڻندڙن
جا آهن چئو تہ شڪارپور ۾ سڀ دُڪان ڪيترا آهن.

(١١) هڪ ريلوي سٽيشن تي جيڪي ٻگيون بيٺليون
آهن تن مان هڪڙي ٥- روپيا ٿي ڪمائي ٻي ٢- روپيا
۽ ٽين ٦- رپيا ۽ چوٿين اٺن سيني جي ڪمائي جيترو —
هاڻي ٻڌايو تہ سڀ ٻگيون هر روز ڪيترو ٿيون ڪمائين؟

(١٢) هڪڙي ڇوڪر کي پنهنجو باغ آهي هن
٢ ڇوڪرن کي پنهنجي باغ ۾ آندو ۽ هر هڪ ڇوڪر
کي ٢٥ صوف ڏنا ۽ چئو تہ سڀئي گهڻا صوف ڏنائين؟

(نوٽ) هي حساب ضرب جي وسيلي تمام جلد
۽ گهڻو سولائي سان ٿيندو پر جڏهن اڃان ضرب ڪانہ
سيکاري وئي آهي تڏهن جوڙ جي رستي سيکارڻ گهرجي؟

(١٣) ڪنهن اسڪول جي ستين درجي ۾ ١٣
ڇوڪر، ڇهين ۾ ١٨، پنجين ۾ ٩، چوٿين ۾ ٣٣، ٽئين
۾ ٦٣، ٻئي ۾ ١٨، پهرئين ۾ ٢٦، ۽ ٻاراڻي ڪلاس ۾
ستين ۽ پهرين درجي جي ڇوڪرن جيترا ڇوڪرا آهن،
هاڻي سڄي سڪول جا ڇوڪرا ٻڌايو؟

(١٤) هڪڙي باڪري وٽ ١٢٧ انب ۽ ٢٥٦
زيتون ۽ ٨٥٨ انجير ۽ ١٢٣ ڏاڙهون ۽ ٢٨٧ ڪتيون
انبڙون ۽ ٩١ سيتا ڦل رکيل هوا ٻڌايو تہ جملي ميوي
جو وٽس ڪيترو عدد هو؟

(١٥) ٻن رقمن مان هڪڙي ٤٢٩ آهي ۽ ٻي انهيءَ کان ١٦٩ وڌيڪ آهي تہ ٻنهين جو جوڙ ٻڌايو؟

(١٦) ٣ باغ ڏٺم هڪڙي ۾ ٥٠ وڻ، ٻئي ۾ پهرئين کان ٢٠ گهٽ ۽ ٽئين ۾ پهرئين ۽ ٻئي جي جوڙ کان ٢٠ وڌيڪ آهن ڇٽو تہ مڙيئي گهڻا وڻ آهن؟

(١٧) جنوري ۾ ٣١، فيبروري ۾ ٢٨، مارچ ۾ ٣١ اپريل ۾ ٣٠ ۽ مئي ۾ ٣١ ڏينهن آهي ڪنهن ماڻهوءَ کي پورهيو ڏنو آهي ٻڌايو تہ جنوري جي ٢٧ تاريخ کان مئي جي ١٧ تاريخ تائين ڪيترن ڏينهن جو پورهيو ڏيونس؟

(١٨) عيسوي سن کان ٧١٢ ورهہ اڳي کان وٺي ١٩٠٩ عيسوي تائين ڪيترا ورهہ ٿيا؟

(١٩) گلوءَ کي ٢٣ ڏاسپاٽيون ڏنم ۽ جادم کي گلوءَ کان ١٧ وڌيڪ ۽ موتوءَ کي ١٢ ڏنم ۽ ڏني کي گلوءَ ۽ جادم ۽ موتوءَ جي جوڙ کان ٩ وڌيڪ پوءِ بہ ١٥ ڏاسپاٽيون بچي پيم ڇٽو تہ مون وٽ اصل ڏاسپاٽيون ڪيتريون هيون؟

(٢٠) ٻن درجن مان سڀ کان وڏو، ٽن درجن مان سڀ کان ننڍو، پنجن درجن مان سڀ کان وڏو ۽ ڇهن درجن مان سڀ کان ننڍو جيڪو انگ ٺهي، تن سڀني جو جوڙ ڪريو؟

(٢١) حيدرآباد کان بمبئي (٨٠٠) ميل پري آهي ۽ بمبئي کان مدراس (٩١٢) ميل پري آهي ۽

مدراس کان ڪلڪتو ۱۵۹۹ ميل ۽ ڪلڪتي کان لاهور ۱۹۷۱ ميل ۽ لاهور کان ملتان ۳۵۹ ميل آهي ۽ ٽڏهن ڇڏو ته حيدرآباد کان ڏکري مٿيان شهر گهمندي ڦرندي وري ملتان ڏانءُ پهچڻ ۾ گهڻو پنڌ ڪجو؟

(۲۲) هڪڙي لشڪر ۾ (۱۳۸۷۲۵) سوار ۽ (۸۵۹۲۴۰) پيادا ۽ (۱۲۰۰) عملدار ۽ (۲۹۲) باجو وڄائيندڙ آهن ڇڏو ته لشڪر ۾ مڙيئي ڪيترا ماڻهو آهن؟

(۲۳) هڪڙي باغ جي ڊگهائي ۲۶۴۰ فوٽ ۽ ويڪرائي ۲۳۱ فوٽ آهي ڇڏو ته ڪيتري ڊگهي ڏوري خريد ڪجي جا اُنهي باغ جي چوڌاري ڦري اچي؟

(۲۴) هڪڙي ماڻهوءَ (۱۹۱) رپئي باغ ۽ ۷۲ رپئي ڏڙي ورتي، وري ٻئي گڏي ۴۹ رپئي نفعي تي وڪڻي ڇڏيائين ڇڏو ته اُهي ٻئي گهڻي وڪيائين؟

(۲۵) سومر ڏينهن ٻنيءَ مان ۲۱۲ موريون اگاري ڏينهن (۱۹۱)، اربع ڏينهن سومر کان ٻيڻيون خميس ڏينهن (۳۰۰) جمع ڏينهن (۹۹)، ڇنڇر ڏينهن اصلي ڪانه، آچر ڏينهن سڀني ڏينهن جيتريون ڪڍيم، ڇڏو ته سڄي هفتي ۾ ڪيتريون موريون ڪڍيم.

## باب ڇهون

### سادي ڪٽ

۷ مٽڪا هڪڙي ڇوڪر کي ڏجن ۽ ۲ مٽڪا ٻي کي ڏيئي ڀڃجي، ته ڀهرئين ڇوڪر کي ٻي کان ڪيترا

مڻڪا وڌيڪ ملايا آهن؟ هن ۾ ٻڌايو ڪجو جو ٧ مڻڪن مان ڪڍي ٢ مڻڪا جدا ڪيا، پوءِ باقي مڻڪا ورڇي ڪڍي ڏسبا، ته ڪيترا بچيا آهن؟ سي ٿيندا ٥ مڻڪا. هن مان خبر پيئي ته ٧ مڻڪا ٢ مڻڪن کان ٥ مڻڪا وڌيڪ آهن. اِهي رستي ڪري جنهن سان وڏي ۽ ننڍي رقم جو تفاوت ڪڍجي ٿو، ڪٽ ڪرڻ جو رستو چئون ٿا.

استاد کي گهرجي ته پهريائين مٿئين نموني جهڙي شين سان ڪٽ جو استعمال ڪرائي، ان بعد انگن جو زباني طرح تفاوت ڪڍائجي، جيئن ٧ مان ٣ ويا ته باقي ڇا بچندو؟ ٨ مان ٢ ويا وغيره. هن طرح جو زباني استعمال پڻ ڪرائڻو ٿيندو؛ جيئن ته ٢٠ مان چار چار ڪٽيندا وڃو، ١٧ مان ٣ پيرا ٿي ٿي ڪٽيو وغيره. ان کان پوءِ لکيل استعمال شروع ڪرائجي. هن ۾ ٻه جو ٽه وانگر رقمون ايڪن ڏهن موجب نمبروار هڪ ٻئي جي هيٺان رکيون. ڪٽ جي حساب ۾ فقط ٻه رقمون ٿينديون آهن: هڪ وڏي رقم جنهن مان ڪٽ ڪجي، سا مٿان رکجي، ٻي ننڍي رقم جا ڪٽ ڪرڻي آهي، سا ان جي هيٺان رکجي. پوءِ ايڪا ايڪن مان، ڏهاڪا ڏهاڪن مان ۽ سو سون مان ڪٽ ڪيا. اِن طرح ڪٽيندي جيڪا باقي بچت ٿيندي، انکي ڪٽ آپت چئبو.

مثال ١ - ٧٥ مان ٤٣ ڪٽ ڪريو.

| | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|
| وات | ٧ | ٥ |
| | ٤ | ٣ |
| باقي بچيا | ٣ | ٢ |

مثال ٢ - ١٢ کي ٢١ مان ڪٽ ڪريو يعني ٢١-١٢

| | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|
| وات | ٢ | ١ |
| | ١ | ٢ |
| باقي بچيا | ٠ | ٩ |

قاعدو آهي تہ ايڪا ايڪن مان ڪاٽيا - ڏهاڪا ڏهاڪن مان - سو سون مان. هاڻي هڪ ايڪي مان ٢ ايڪا ڪٽجي نہ سگهندا تنهنڪري ٻن ڏهاڪن مان هڪ ڏهاڪو ڇوڙي ايڪن کي ڏيو تہ - ١١ - ايڪا ٿيا ١١ - ايڪن مان ٢ - ايڪا ويا تہ باقي بچيا ٩ سي ايڪن هيٺان رکيا سون ٢ ڏهاڪن مان هڪ ڏهاڪو ايڪن کي ڏنو هوسين تنهنڪري باقي هڪ ڏهاڪو بچيو تنهن مان هيٺيون هڪ ڏهاڪو ويو تہ ڪجهہ ڪين بچيو تنهنڪري ڏهاڪن هيٺان ٻڙي (٠) رکبي سون تنهنڪري ڪل بچت آئي ٩ - ايڪا يعني جواب ٩ -

مثال ٣:- ١٧ کي ٢٩ مان ڪاٽيو يعني ٢٩ - ١٧
هن حساب ۾ ايڪن ۽ ڏهاڪن جي ڪٽ هن
رستي سان سمجهائجي ٿي.




مثال ٤:- ٨٩ کي ١٥٤ مان ڪاٽيو يا ١٥٤-٨٩

واٽ

| سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|
| ١ | ٥ | ٤ |
| ٠ | ٨ | ٩ |
| ١ | ٦ | ٥ |

جواب ٿيو ٦٥

## (سمجهاڻي)

هاڻي ٤ - ايڪن مان ٩ - ايڪا ڪٽي نٿا سگهجن تنهڪري هڪ ڏهاڪو ٥ ڏهاڪن مان وٺو ۽ آنکي چوڙي ٤ - ايڪن سان ملايو ته ٿيا ١٤ - هاڻي ١٤ مان

مثال ٦:- ١٩٦٢ ۾ مان ٨٩٥ ڪٽ ڪريو يا ١٩٦٢-٨٩٥

صاف وارٽ ١٩٦٢

٨٩٥

---

١٠٦٧ جواب ١٠٦٧

(نوٽ) ڪٽ جا حساب جڏهن شاگرد چڱي طرح سمجهي وڃن ته پوءِ اڳتي مٿئين حساب نمبر ٦ وانگر ڪرڻ ڪي ڏيندو.

(٧) هڪڙي ماڻهوءَ وٽ ٩٨ رپيا هوا تن مان ١٨ رپيا خيرات ڪياءِ ۽ ٢٧ رپيا پنهنجي ڪتب آنداءِ چئو ته باقي وٽس ڪيترا رپيا رهيا؟

هن حساب جا ٻه رستا آهن (هڪ خاص ڪٽ جي رستي) (ٻيو جوڙ ڪٽ ٻنهين جي مدد سان)

سو هن طرح:- هاڻي هن ماڻهو وٽ ٩٨ رپيا آهن ٩٨ رپيا
تن مان ١٨ رپيا خيرات ڪياءِ ته باقي جا بچيس ١٨ رپيا

---

٨٠ رپيا بچيس

هاڻي ٨٠ روپيا اُنهن تن مان ٢٧ رپيا ڪتب آنداءِ باقي جا بچيس
٨٠
٢٧

---

٥٣ جواب ڪٽ جي وسيلي

جيڪڏهن خيرات وارا ١٨ روپيا ۽ ڪتب آندل ٢٧ رپيا جوڙ ڪري ٩٨ مان ڪاٽبا ته به جواب ٥٣ ايندو جيئن ته

| | |
|---|---|
| ٩٨ | ٢٧ |
| ڪٽ ٤٥ | جوڙ ١٨ |
| جواب ٥٣ | ٤٥ |

(۸) هڪڙو جوڪرو روز ۳- آنا ٿو ڪمائي ۽ ٻيو جوڪرو روز ۵- آنا ٿو ڪمائي جيڪو ته ٻيو جوڪرو ۵ ڏينهن ۾ ٻئين جوڪر کان ڪيترو وڌيڪ ڪمائيندو؟

وات- ٻيون جوڪر ٻئين جوڪر کان هرروز ۲- آنا وڌيڪ ٿو ڪمائي ته ۵ ڏينهن ۾ پنج ڏون ۱۰ آنا وڌيڪ ڪمائيندو تنهنڪري جواب ٿيو ۱۰- آنا

## سادي ڪٽ جا حساب

(۱) الف ۲۷ — ۳۵ (ب) ۱۹ — ۴۶

(۲) الف ۲۸ — ۶۷ (ب) ۵۹ — ۸۸

(۳) الف ۵۷ — ۱۳۳ (ب) ۳۹۹ — ۵۸۸

(۴) الف ۷۷۷ — ۱۰۲۲ (ب) ۳۵۷ — ۲۲۲۲

(۵) الف ۱۳۴۹ — ۳۰۰۰ (ب) ۹۸۷۹ — ۵۰۰۱۷

(۶) الف ۹۹۹۹ — ۲۹۰۰۱ (ب) ۳۰۰۰۵ — ۴۰۰۰۰

(۷) الف ۹۶۰۷ — ۸۹۰۰۳ (ب) ۶۴۰۲۹ — ۸۷۳۶۱

(۸) الف ۳۰۷۰۵ — ۵۰۴۲۱ (ب) ۵۰۴۷۰ — ۹۵۰۳۵

(۹) ۶۶۰ رپيا ۳ ماڻهنکي مليا، هڪڙي کي ۲۱۲ رپيا، ٻئي کي ۱۹۹ رپيا ڏنائون ته ٽئين کي ڪيترو مليو؟

(۱۰) هڪڙي ڌڻ ۾ (۴۰۶۰) جانور آهن تن مان ۲۱۳ ٻڪريون ۽ ۱۲۵ جيلا آهن باقي رڍون آهن جيڪو ته رڍون ڪيتريون آهن؟

(۱۱) ۶۹۹۰ مان ۱۷ ۽ ۱۲۷ ۽ ۳۲۲ ۽ ۵۰۰ جو جملو ڪٽ ڪريو.

(۱۲) ڪراچيءَ کان سکر ۳۳۰ ميل آهي ۽ حيدرآباد ۱۱۲ ميل آهي جيڪو ته حيدرآباد ۽ سکر جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي، جڏهن سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي جي وچ ۾ آهي.

(٢٢) ٻن انگن جو جوڙ ٥٣ آهي ۽ سندن تفاوت آهي ١١ تڏهين اهي انگ ٻڌايو؟

(٢٣) ٻن انگن ۾ وڏو (٢٩١٢) آهي ۽ سندن فرق (١٧٩) آهي ته ننڍو ڪيترو آهي ۽ ٻنهين انگن جو جوڙ ڇا آهي؟

(٢٤) ڪنهن ملڪ ۾ سال ١٩٠١ع ۾ (٤٢٨١١٥) آدمي ڄاوا ۽ (٣٩٩٩٩٩) ماڻهو موا چئو ته انهي سال ۾ ڪيترا ماڻهو وڌيا؟

(٢٥) مون وٽ (٤٢٨) ڦوڏني جون ٽڪيون آهن تو وٽ جيڪي ٽڪيون آهن، تن کان ١٧٢ وڌيڪ مهنجي ها ته جيڪر مون جيتريون ٿئنديون ها تڏهين ٻڌايو ته تو وٽ ڪيتريون ڦوڏني جون ٽڪيون آهن؟

## باب ستون

### سادي ضرب

هڪ ڏٻي ۾ ٧ مٺڪا آهن، ته اهڙين چئن ڏٻين ۾ ڪل ڪيترا مٺڪا هوندا؟

هن حساب ۾ هيئن ڪرڻ گهرجي، جو ٤ ڏٻيون ستن ستن مٺڪن جون ڇوڪرن کان جدا جدا ڳڻائي ٺهرائجي، پوءِ سڀني ڏٻين جا مٺڪا گڏي وري ڳڻائجن، ته ڪل مٺڪا ٢٨ ٿيندا اها ٿي جوڙ.

هاڻي اسان کي ٤ ڀيرا ٧ وٺڻا آهن ۽ جي اسين ٤ ڀيرا ستن ست لکي جوڙ ڪنداسين ته تڪليف گهڻي ٿيندي پر ڪوڙي مان يڪدم خبر پوي ٿي ته ست چوڪ اٺاويهه. هن سولي رستي کي چئجو آهي ضرب يعني ڪوڙن جي مدد سان ڪيترن ساڳين انگن جي

من بعد جنسي شين جي مدد سان شين جا دفعا ڪري وري ڳڻائي جوڪرن جي خيال ۾ ٻوري طرح ڄاڻجي، تہ ضرب برابر جوڙ جو سؤلو رستو آهي. ٻہ ڪوڙن جي مدد سان سؤلا زباني حساب ضرب جا جوڪرن کان ڪرائڻ گهرجن ۽ جڏهن انهن گهڻو استعمال ٿي وڃن، تڏهن اڳتي هلائجي.

مثال پهريون- هڪڙي سٽ ٺهرائڻ تي ۱۵ هٿ ڪپڙو لڳي ٿو تہ ۱۳ سٽن تي ڪيترو ڪپڙو لڳندو؟ اهو حساب ٻہ جوڙ ۽ ضرب ٻنهين رستي ڪڍي سگهبو. جوڙ جي رستي ۱۵ کي ۱۳ دفعا هڪ ٻئي هيٺان رکي جوڙ ڪبا ۽ ضرب جي رستي ڳڻو ۱۵ کي ۱۳ سان ضرب ڪجي-

واٽ ۱۵

۱۳

| سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|
| ۰ | ۴ | ۵ |
| ۱ | ۵ - | |
| ۱ | ۹ | ۵ |

جواب ۱۹۵ هٿ

(**سمجهاڻي**) پهرياءِ ۳ ايڪن سان ۱۵ کي ضرب ڪئي وئي تہ ۵ ايڪا ۽ ۴ ڏهاڪا ٿيا وري هڪ ڏهاڪي سان ۱۵ کي ضرب ڪئي سون تہ آيا ۱۵ ڏهاڪا. تن سان ۵ ڏهاڪا ڏهاڪن

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار | ڏه هزار |
|---|---|---|---|---|
| ۴ | ۰ | ۱ | | |
| | ۴ | ۰ | ۱ | |
| | | ۶ | ۵ | ۱ |
| ۴ | ۴ | ۷ | ۶ | ۱ |

يعني جواب ڇهه سورهن هزار ست سو چوئيتاليهه ۱۶۷۴۴

مٿي ڏيکاريل ضرب جي رستي سکڻ کان پوء شاگرد مختصر طرح هيٺين ڏيکاريل رستي موجب سادي ضرب استعمال ڪن.

۵۲
۳۲۲
———
۱۰۴
۱۰۴
۱۵۶
———
۱۶۷۴۴

جواب ۱۶۷۴۴

## استعمالي سوال ضرب

(۱) الف ۷×۸ (ب) ۹×۹ (ج) ۱۳×۷ (د) ۱۹×۸

(۲) الف ۱۱×۱۱ (ب) ۱۸×۱۳ (ج) ۵۲×۱۸ (د) ۹۸×۱۷

(۳) الف ۲۶×۲۵ (ب) ۴۲×۳۸ (ج) ۶۸×۵۲ (د) ۹۹×۶۸

(۴) الف ۱۰۴×۱۵ (ب) ۱۰۹×۳۶ (ج) ۱۱۰×۴۰ (د) ۱۰۸×۶۳

(۵) الف ۹۹×۹۹ (ب) ۱۷۹×۷۹ (ج) ۲۳۹×۵۷ (د) ۵۰۶×۶۹

(۶) الف ۳۳۳×۱۰۱ (ب) ۶۶۰×۱۱۱ (ج) ۹۰۹×۱۳۵ (د) ۲۰۴×
۹۸۸

(۷) الف ۱۰۰۰×۲۳۹ (ب) ۴۰۹×۱۳×۵ (ج) ۳۷۰×۴۰×۷ (د)
۷۹۱×۲۷×۶

رقم ڇڏيو ۽ ٨ صوف ڇڙ ته مقرر ڪيل انداز پا ماڻ آهي، جنهن سان ان ونڊڻي رقم کي ورهائجي ٿو يعني ان ونڊڻي رقم ٥٠ صوفن کي اهڙيءَطرح ورهائڻو آهي، جو سڀني هر هڪ حصو مقرر ڪيل انداز يعني ٨ صوفن جيترو ٿئي انڪري ٨ کي ورهائيندڙ يا ونڊيندڙ رقم چئبو ۽ اها ونڊيندڙ رقم، ونڊڻي رقم مان جيترا پورا ڀيرا نڪري، انهن دفعن جي انداز کي ونڊاڻت چئبو ۽ ونڊڻي رقم مان ونڊيندڙ رقم جي پورن ڀيرن نڪرڻ بعد جيڪي باقي بچي جو ونڊيندڙ رقم کان گهٽ ٿو ٿئي، تنهنکي باقي چئبو آهي. جهڙن مٿئين حساب ۾ ٢ صوف باقي بچيا آهن. ۽ جنهن رستي سان معلوم ڪيو سون ته ٥٠ صوفن ۾ ٨ صوف ٦ پورا ڀيرا سمايل آهن ۽ باقي ٢ بچيا آهن تنهن رستي کي ونڊ چئجي.

مٿي ڏيکاريل آيل ڳالهه وانگر جهڙن ضرب جوڙ جو سؤلو نمونو آهي، اهڙن ونڊ ۾ ڪٽ جو سؤلو نمونو آهي. جهڙن ته ٦٣ کي ٧ سان ونڊ ڪريو:

هي حساب مٿئين ڪٽ واري ڏگهي نموني جي بجاءِ ڪوڙن جي مدد سان تمام سؤلي نموني ڪري سگهجي ٿو جهڙن ته:

٧ ) ٦٣ ( ٩
٦٣
———
٠

٦٣ تي ٧ جو ڪوڙو هڻبو ته نو ستا ٦٣ پورو لڳي ايندس.

مثال ٣ — ٥ اليمن مان تي تي ليمان ڪيترا ڀيرا ڪڍي سگهبا؟

وات ٥ ) ١٥ ( ٣
١٥
———

جواب ٥ ڀيرا.

(۴) ۱۲٦ا - انب ۷ ڇوڪرن ۾ ورهايو يا ۷ ÷ ۱۲٦ا

ايڪا ڏهاڪا ايڪا ڏهاڪا سو

۸ ، ۱ ) ٦ ۲ ۱ ) ۷

مختصر رسم

۷ ) ۱۲٦ ( ۱۸

۷

۵٦

۵٦

ـــ

۱۰

۱۰ ڏهاڪا

۲ ڏهاڪا

۱۲ ڏهاڪا

۷ ڏهاڪا ورهيا ويا

۵ ڏهاڪا باقي بچيا

۱۰

۵۰ ايڪا

٦ ايڪا

۵٦ ايڪا

۵٦ ايڪا

۰

جواب ۱۸ - انب هرهڪ ڇوڪري ملندا -

(سمجهاڻي) جنسي پوءِ مٿڪن هڪ سَو سؤ جي ۽ ۲ سرون ڏهاڪن جون ۽ ڇهه داڻا ڇڙا ڪٽي ۷ ڇوڪرن ۾ ورهايو ته شاگرد يڪدم سمجهي ويندا ته هڪ سؤ واري ڇوڙڻ ڏاران ورهائي نه سگهبي تنهن ڪري اُنجا ڏهاڪا ڪبا ۽ سؤ ۾ ۱۰ ڏهاڪا آهن تنهن ڪري سؤ جا ۱۰ - ڏهاڪا ۽ ۲ ڏنل ڏهاڪا گڏي پوءِ ۱۲ کي ورهائبو ته هڪ هڪ ڏهاڪو اچي ويندو باقي ۵ ڏهاڪا بچندا پوءِ تنکي ڇوڙي ايڪا ڪبا ته ۵۰ - ايڪا ٿيندا تن ۾ ڏنل ٦ - ايڪا گڏي يعني ۵٦ - ايڪا ڪري

انهنڪي ورهائبو ته هرهڪ کي ٨ ايڪا ايندا تنهنڪري
هرهڪ ڇوڪري هڪ ڏاڪو ۽ ٨ - ايڪا انبن جا ملندا
يعني ٨١ - انب

(مثال ٥) ٩٨٤ کي ٨ سان ونڊ ڪريو يا ٨÷٩٨٤.

```
٨) ٩٨٤ (١٢٣
    ٨
   ----
    ١٨      صاف ننڍي واٽ
    ١٦              جواب ٿيو ١٢٣
   ----
     ٢٤
     ٢٤
   ----
      ٠
```

**سمجهاڻي** - ٻهرائين ٩ سو ٨ کي ورهائي ٿا ڏيون ته هرهڪ کي سو سو اچي ويو ۽ باقي هڪ سو بچيو، تنهن جا ڏهاڪا ٿيا ١٠ تن ۾ ڏنل ٨ ڏهاڪا به جوڙ ڪريون ٿا ته وڏي ١٨ ڏهاڪا ٿيا ۽ تنهنکي ٨ ڀاڱن ۾ ورهائيون ٿا ته هرهڪ ڀاڱي کي ٻه ٻه ڏهاڪا اچن ٿا. انڪري ١٦ ڏهاڪا ورهائجي وڃن ٿا، ۽ باقي ٻه ڏهاڪا ٿا بچن، تن جا ايڪا ٿيندا ٢٠. تن ۾ ٤- ايڪا ڏنل گڏبا ته ٢٤- ايڪا ٿيندا ۽ جن مان ٽي ٽي هرهڪ انهن حصي کي ايندا. تنهنڪري ڪل انهن حصي کي مليا، هڪ سو ٻه ڏهاڪا ۽ ٽي ايڪا يعني ١٢٣. ۽ رقم به سموري ورهائجي ويئي، جئن ته ٻهرئين دفعي ٨٠٠ سو ٻي دفعه ١٦ ڏهاڪا يعني ١٦٠ ۽ ٽئي دفعه ٢٤. ڪل ٿي ٩٨٤.

(نوٽ) جوڙ ۽ ڪٽ ۽ ضرب سڀئي ساڄي پاسي کان شروع

ٿين ٿيون پر ونڊ کي کٻي هٿ کان شروع ڪجي ٿو اُنجو مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن ننڍي رقم يعني ايڪن کان ورهائڻ شروع ڪبو ۽ پورو ورهائڻو نہ ٿيو تہ ننڍي پڇاڙيل رقم کي وڏي رقم ڪري نہ سگهبو پر وڏيءَ مان ننڍي ڪاهڻ آسان آهي جئن تہ جيڪڏهن ٢٢٢ کي ٻن سان ونڊ ڪرڻي هجي تہ پنهي طرف کان ڪري سگهجي ٿي ۽ جواب پنهين طرفن سان ١١١ ايندو پر ساڳي رقم ٢٢٢ کي ٣ سان ونڊڻو هجي تہ هٿ کان شروع ڪري نہ سگهبي ڇاڪاڻ تہ ٢ - ايڪن کي ٽڪي ٽن ۾ پورو وراهي ٿو سگهجي ۽ ٽڪي انهن مان ڏها ڪوئي ٿو نهي. اهوئي سبب آهي جو ونڊ کي کٻي پاسي کان شروع ڪجي ٿو.

## ونڊ جا حساب

(١) ۴٠۴ ٣ صوف ٨ ڇوڪرن کي ورهائي ڏيو.

(٢) ٨١۵ رپين جي ستين پتي ڪيو.

(٣) ٦٠٨ ڪوڏين جا چوٿڪ ڪيو.

(۴) ٨٣٧ وڻ ٩ ٻارن ۾ پوکيل آهن، تہ هر هڪ ٻاري ۾ ڪيترا وڻ هوندا؟

(۵) ٩٦٨ رپيا ١١ ماڻهن کي برابر وراهي ڏيو

(٦) ١٢۵٠ کي ١٠ سان ونڊيو

(٧) ٨٩٨٠ کي ١۵ سان ونڊيو

(٨) ٩٦٧١ کي ١٩ سان ونڊيو

(٩) ٢٧ کي ١٣ سان ضرب ڪري ۽ پوءِ ضرب اُپت کي ١٦ سان ونڊ ڪريو؟

(١٠) ٢٠٨ مان ۵٢ ڪيترا دفعا نڪرندا؟

(١١) ٨ ڇوڪرن کي ممتحن صاحب ۵٦ ڪتاب هرهڪ کي هڪ جيترا ڪتاب انعام ڏنا هڪ هڪ ڪتاب جي بها ۵-

رپيا آهي جڻو ته هرهڪ ڇوڪري کي گهٽ رپين جا ڪتاب انعام مليا ؟

(۱۲) اهو ڪهڙو انگ آهي جنهن سان (۳۱۲۵) کي ونڊ ڪجي ته جواب ۱۲۵ اچي ؟

(۱۳) غلام محمد کي مڙيئي (۳۰۰۰) سٽون لکڻيون آهن هو هر هڪ صفحي ۾ ۱۵ سٽون لکيتو اهڙا ۴۰-۴۰ صفحا هر هڪ ڪتاب ۾ ڪرڻا اٿس جڻو ته هن ڪيترا ڪتاب لکيا ؟

(۱۴) ڪهڙو انگ ۷ سان ضرب ڪجي جو ضرب اهت ۲۱ ۽ ۸ جي ضرب اهت جيتري ٿئي

(۱۵) ۹۷۱ کي ڪنهن انگ سان ونڊجي ٿو ته ونڊ اهت (۱۱) ۽ باقي ۳ ٿي اچي ونڊيندڙ ٻڌايو ؟

(۱۶) موتون (۸۱۹۰) ٻاڙن آهن، وات تي فقيرن کي ورهائي ٿو ڏيان ته هرهڪ فقير کي پوري جون پوريون (۲۶) ٻاڙون ٿيون اچن، ٻڌايو ته فقير ڪيترا هوا؟

(۱۷) ٽي ڀائيوار آدن تنهنجي ڪمائي (۹۹۰۴) رپيا آهي، تنهنهان سيئي گڏ جي (۳۰۰۴) رپيا خرچ ڪيو آهي، باقي رپيا پورن حصن ۾ ورهائي ڏيو.

(۱۸) هاشم ۽ شفيع محمد، کي ۵۰۰ رپيا اهڙي طرح ورهائي ڏيو جو هاشم کي شفيع محمد کان ۴۰ رپيا وڌيڪ ملن؟ ٻڌايو ته هرهڪ کي ڇا ملندو

(۱۹) ۲۸۰۸ ۾ ۲۷ ڪيترا ڀيرا سمايل آهن؟

(۲۰) ۱۰۴۳۲ جي سورهين ڀتي ڪيڏو.

(۲۱) ۳۴۶۸ ليمن ۾ ڪيترا جوڙا ۽ ڊزن آهن؟

(۲۲) اڪرم ۽ جيٺو کي (۲۰) گدرا آهن جن هڪ جوڙا

**ان ملڻ جي-**

| | | |
|---|---|---|
| ۴ جوئاريون | برابر | هڪ پاٽوئي |
| ۴ پاٽوئيون | برابر | هڪ ٽويو |
| ۴ ٽويا | برابر | هڪ ڪاسو |
| ۶۰ ڪاسا | برابر | هڪ خرار |

**وقت جي-**

| | | |
|---|---|---|
| ۶۰ سيڪنڊ | برابر | هڪ منٽ |
| ۶۰ منٽ | برابر | هڪ ڪلاڪ |
| ۲۴ ڪلاڪ | برابر | هڪ ڏينهن رات |
| ۷ ڏينهن راتيون | برابر | هڪ هفتو |
| ۵۲ هفتا يا ۱۲ مهنا يا ۳۶۵ ڏينهن | برابر | هڪ ورهه |

نوٽ:- ۱۰۰ ورهه هڪ صديءَ ٿيندا آهن

**سون ۽ چانديءَ جي-**

| | | |
|---|---|---|
| ۴ مڱ | برابر | هڪ رتي |
| ۸ رتيون | برابر | هڪ ماسو |
| ۱۲ ماسا | برابر | هڪ تولو |
| ۸۰ تولا | برابر | هڪ سير |

## ڪپڙي ڪڇڻ جي جدول (سنڌي)

| | | |
|---|---|---|
| ۴ آڱر | برابر. | هڪ چارڪي |
| ۴ چارڪيون | " | هڪ هٿ |

## ڊگهائي جي جدول ( انگريزي )

| | | |
|---|---|---|
| ۱۲ انچ | برابر | هڪ فوٽ |
| ۳ فوٽ | " | هڪ يارڊ |
| ۲۲۰ يارڊ | " | هڪ فرلانگ |
| ۸ فرلانگ يا ۱۷۶۰ يارڊ | " | هڪ ميل |
| ۲ ميل | " | هڪ ڪوه |

## تور جي جدول

| | | |
|---|---|---|
| ۲ پائونڊ | برابر | هڪ سير |
| ۴۰ سير | " | هڪ مڻ |
| ۲۸ مڻ | " | هڪ ٽن |

# باب ڏهون

## مٽڻ

هڪ رپئي ڇهن آنن جون پايون ونيون ته ۲۴۰ ملنديون: هن ريت جو هڪ رپئي جون ۱۹۲ پايون ۽ ڇهن آنن جون ۴۸، سي مڙيئي ٿيون ۲۴۰ پايون. يا هڪ رپئي جا ۱۶ آنا ۽ ۴ آنا ٻيا گڏيو ته مڙيئي ۲۰ آنا ٿيا. تن جون پايون ٿيون ۲۴۰.

جڏهن رستي سان اسان رپين يا آنن کي مٽائي پاين جي صورت ۾ آندو، انهيءَ وات کي مٽڻ چئجي ٿو.

مثال ۱ - (مڻ) ۳ — (سير) ۱۵ — (پاءَ) ۳ انهن ۾ ڪيترا پاءَ آهن؟

اهو حساب هن ريت ڪرندو:

مڻ — سير — پاءَ
۳ — ۱۵ — ۳

| | | |
|---|---|---|
| هڪ مڻ ۾ چاليهه سير آهن، انڪري ۳ مڻن | ۴۰ | |
| ۾ ۴۰ جي ٽيڻ سير ٿيندا يعني ۱۲۰ سير | ۱۲۰ | سير |
| ۱۲۰ سيرن ۾ ۱۵ سير درجي ۾ لکيل ٻه جوڙ ڪريو | ۱۵ | |
| ته ڪل ۱۳۵ سير ٿيندا. | ۱۳۵ | ڪل سير |
| هڪ سير ۾ چار پاءَ آهن، انڪري ۱۳۵ سيرن ۾ سڀني | ۴ | |
| چوڻ پاءَ ٿيندا يعني ۵۴۰ پاءَ | ۵۴۰ | پاءَ |
| انهن ۾ درجي ۾ لکيل ۳ پاءَ ٻه گڏيو | ۳ | |
| ته ڪل پاءَ ۵۴۳ ٿيندا. | ۵۴۳ | ڪل پاءَ |

مٿين حساب ۾ ڏسبو تہ وڏن ڏورن ۽ وڏن مان
ننڍيءِ ڏوريءِ ڏاهيو اٿون يعني مڻن ۽ سيرن جي
وڏن مان پاءُ جو ڏوريءِ ورڻو اٿون جو هڪڙن ڪان ننڍو
آهي. جڏهن تہ مٿاهين ڏوري يا رقم کي لاهي ۽ ڦيرائي هيٺاهين
ڏوري يا رقم جي حالت ۾ آڻجي ٿو. اِنڪري اهڙيءَ مٽ
سٽ کي لهندڙ مٽڙ چئجي.

**ٻيو مثال-** ڪنهن فقيرياڻي هٿ ڀڃي ۵۰۰ پايون گڏ ڪيون آهن؛
ٻڌايو تہ ڪيترا رپيا ۽ آنا وغيره مليا اٿس؟

هن حساب ۾ ٻهرياءُ ٻارهن ٻارهن پائن جي هڪ هڪ ڏگي ٺاهي
آنا ڪبا يعني سڀني پائن جي ٻارهين ڀتي آنا ٿيندا يعني ۵۰۰
پائن کي ۱۲ سان ونڊ ڪبي، تہ ۴۱ ونڊ اپت ٿيندا آنا

۱۲) ۵۰۰ (۴۱
۴۸
———
۲۰
۱۲
———
۸ پايون

۽ ۸ پايون باقي بچيون

هڪڙ ۴۱- آنن کي مٿائي رپيا ڪبا يعني سورهن سورهن آنن جي
جدا ڏگي ٺاهبي تہ ڏگين جي تعداد جيترا رپيا ٿيندا يعني ۴۱ کي
۱۶ سان ونڊ ڪبي تہ ۲ رپيا ٿيندا ۽

۱۶) ۴۱ (۲
۳۲
———
۹

۹- آنا باقي بچندا.

| رپيا | آنا | پايون |
| --- | --- | --- |
| ۲ | ۹ | ۸ |

اِنڪري ۵۰۰ پائن مان ٿيا ۲ رپيا ۹ آنا ۽ ۸ پايون

مٿين حساب ۾ ڏسبو تہ ڏاڏي جي ننڍي رقم يعني
پائن کي چاڙهي آنن ۾ ۽ رپين جي وڏي رقم واري

(٢٠) ٤ ساورن ٻٽي ٽڪي پيسو پيسو ڏيڻ سان ڪيترن
ماڻهن کي ڏيڻي سگهبا؟

مڻ رتيون ماسا تولا

(٢١) ڪنهن زميندار (٢—٦—٨—٥) سون ڏنو آهي
هن مطلب تي، ته اسڪول جي هر هڪ ڇوڪر کي هڪ مُهر
سون جو انعام ڏيو وڃي، ته هن اسڪول ۾ شاگرد ڪيترا هوا؟

تولا آنا سير مڻ کنڊيون

(٢٢) (١—١٢—٠—٦—١٣) جا ڪل ڪيترا تولا ٿيا؟

چو پا تو کا خرار

(٢٣) هڪڙي واپاري ۾ (٣—٣—٣—٥٥—٩٧) جوئر هئي

چوٿايون خرار

آهي، جنهن ۾ (٢—٤) ٻيل آهي پڌايو ته ٻنهي واپارن ۾ ڪل
ڪيتريون چوٿايون ان جون آهن؟

(٢٤) ٽن صدين جا ڏينهن ڪريو (٣٦٥ ڏينهن هڪ ورهه ۾)

ڏينهن مهنا ورهه

(٢٥) هڪڙي ڇوڪر (٢٦—١٠—٣) اسانوت پورهيو ڪيو
آهي، هن سان ٻول هئي، ته هڪ ڏواني روز جي حساب سان
ساري سنڀاري توکي اجورو ڏنو ويندو، تڏهن پڌايو ته وٽس
ڪل ڪيتريون ڏوانيون ڏجن؟

## ب (مثال چڙهندڙ مثڻ جي قسم جا)

(١) ١٩٢ پاين جو نالو ڪيو (٢) ٣٢٠٠ آنن جا رپيا پڌايو
(٣) ١٩٢٥ سيرن جا مڻ پڌايو (٤) ٣٢١٦٠ منٽن جا ڏينهن ڪيو
(٥) ١٧٦٠٠ — تولا تڏهن جا مڻ ۽ سير ڪيو؟ (٦) ١٢٨٠ سيرن
جون کنڊيون ڪيو.
(٧) ٩١٨٢٥ چوٿاين جا خرار ڪيو
(٨) ٢٥٠٠ ٽوين جا خرار پڌايو.

تيل ڪيترو وڌاءِ؟

(٢٢) ڪنهن ٻيڙي جي تور سامان سوڌي ٦٠ ڪنڊيون ٣٧ سير آهي، ۽ رڳي ٻيڙي جي تور ٩ ڪنڊيون ٥ مڻ ١٦ سير آهي، ڄڻو ته سامان منجهس ڪيترو پيل آهي-

(٢٣) هڪڙي زيور جي تور ٩ تولا ٦ ماسا ١ رتي آهي تنهن ۾ ٦ تولا ٧ ماسا ٥ رتيون ١ ڀڳي نج سون آهي، باقي مٽ آهي، ڄڻو ته مٽ منجهس ڪيترو آهي؟

(٢٤) ٻن رقمن جو جوڙ ١٠٠ خرار ٥ ڪاسا ٢ ٽويا ٣ چوٿايون آهي ۽ سندن فرق آهي ١٩ خرار ٢٣ ڪاسا ٣ ٽويا ٣ ٽيون ٣ چوٿايون، تڏهن اهي ٻئي رقمون ٻڌايو؟

(٢٥) خميسي ۽ خانوءَ ۽ خيرمحمد کي (٣٠٠) رپيا آهن، ان ۾ خميسي ۽ خانوءَ جا ١١٢ رپيا ١١ آنا ٢ پايون آهن، خانوءَ ۽ خيرمحمد جا ٢٧١ رپيا ١٥ آنا ٩ پايون آهن ڄڻو ته هر هڪ جو ڪيترو آهي؟

## باب تيرهون

### گڏيل ضرب

گڏيل ضرب به سادي ضرب جي نموني ٿي آهي؛ ۽ گڏيل جوڙ جو سؤلو رستو آهي

مثال:- جيڪڏهين هڪڙي ماڻهوءَ کي ٥ رپيا ٦ آنا ٣ پايون ڏجن ته ٣ ماڻهن کي ڪيترو ملندو؟

(١) جوڙ جي رستي

| | رپيا | آنا | پايون |
|---|---|---|---|
| | ٥ | ٦ | ٣ |
| وات | ٥ | ٦ | ٣ |
| | ٥ | ٦ | ٣ |
| | ١٦ | ٢ | ٩ |

(٢) ضرب جي رستي

٣—٦—٥
٣
———
٩—١٨—١٥ يا ٩—٢—١٦ رپيا

(٢١) هڪ سڪول جي حاضري ٻڪ ۾ ٢ ريم ١٢ دستا ٢٣ پنا لڳن ٿا تہ ٢٩ سڪولن جي حاضري ٻڪن ۾ ڪيترا پنا لڳندا ؟

(٢٢) اها ونڊ جي رقم ڪيو، جنهن جو ونڊيندڙ ٢٨ ۽ ونڊ اُت آهي ٣٢ ساورن ١٤ روپيا ١٣ آنا ٧ پايون

(٢٣) ١٧ × (١٨ من ٣٣ سير ٣ پاو ٢ آنہ ٤ تولا) جو ملهہ ڪيو؟

(٢٤) ٦٩٩ ورهن ٣٣٩ ڏينهن ٥ ڪلاڪن ١٢ منٽن ٦ سيڪنڊن جي اڌ ڀهو ٺ ٻڌايو ؟

(٢٥) وات تي ٢٦ فقير گڏ ٿيم. هر هڪ فقير کي ١ روپيو ٢ آنہ ٥ پايون ڏيندو آيس پوءِ گهر اچي ڏٺم تہ کيسي ۾ اجا ٣ روپيا ٨ آنہ ٣ پايون ٻيون آهن، جمو تہ مونوت ٻريندي ڪيترو ناڻو هو؟

## باب چوڏهون

### گڏيل ونڊ

گڏيل ونڊ ڪرڻ جو رستو ٻہ ساديءَ ونڊ جهڙو آهي ۽ مثلا ١٥ روپين ٩ آنن جا پورا ٽي حصا ڪرڻا آهن، تہ ان رقم کي ٣ سان ونڊبو تہ ٥ روپيا ٣ آنہ ايندا

وات

روپيا آنہ روپيا
(٣) ١٥ — ٩ (٥
١٥

جواب ٥ — ٣ روپيا آنہ

آنہ
(٣) ٩ (٣
٩

(مثال ٢) ١٦ روپين ٣ آنن ٢ پاين کي ٥ ماڻهن ۾ برابر ورهايو.

وات

| پا | آ | ر |
| --- | --- | --- |

رپيا ٣) ٢ – ٣ – ١٦ (٥

١٥

---

١ رپيو

١٦

---

١٦ آنا

٣ آنا

---

آنا ٣) ١٩ (٥

١٥

---

٤ آنا

١٢

---

٤٨ پايون

٢ پايون

---

پايون ١٠) ٥٠ (٥

٥٠

---

٠

پايون آنا رپيا

جواب ٿيو (١٠ – ٣ – ٣)

(سمجهاڻي) ڀريا ١٦ رپين کي ٥ سان ونڊ ڪئيسون ته ٣ پورا ١٦ مان نڪتا باقي بچيل هڪ رپئي جا آنا ڪري ۽ ڏنل آنا ٣ – جوڙ ڪياسون ته ٿيا ١٩ – ورري انهن کي ٥ سان ونڊ ڪئيسون ته ٣ – آنا ڀتي ۾ آيا ۽ باقي ٤ – آنا بچيا – انهن ٤ – آنن جون پايون ڪريو يعني ١٢ سان ضرب ڪري منجهون ٢ – پايون جوڙ ڪيوسون ته مڙيئي ٿيون (٥٠) جو ٥ سان ونڊ ڪئيسون ته جواب نڪتو ١٠ پايون انهيءَ ڪري ١٦ رپين ٣ آنن ٢ پاين جا پورا ٥ حصا نڪتا ۽ هر هڪ حصي کي ٣ رپيا ٣ آنا ١٠ پايون آيا.

(مثال ٣) ٥ مڻ ١٥ سيرن ١ پاءُ جون پوريون ٣ ڀيتيون ڪريو.

وات

پ س م
مڻ ا) ا – ٥ ا – ٥ (٣
٣

| | |
|---|---|
| ٨ پاءُ | ٢ مڻ بچيا |
| ا پاءُ جوڙ | ٤٠ |
| پاءُ ٣) ٩ (٣ | ٨٠ هن مڻن جا سير |
| ٩ | ٥ ا سير جوڙ |
| ٠ | سير ا٣) ٩٥ (٣ |

٩
—
٥
٣
—
٢ سير بچيا
٤

پاءُ سير مڻ
جواب ٣ – ا٣ا – ا

( مثال ٤ ) ٢٥ روپين ا آني ٦ پاين مان ٢ روپيا ٤ آنا ٦ پايون ڪيترا گهمرا نڪري سگهندا ؟

اهڙي قسم جي ونڊ کي مرڪب ونڊ چئبو آهي، تنهنڪري اول انهن ٻنهين رقمن کي سندن ننڍي صورت ۾ آڻبو، پوءِ سادي ونڊ جي مدد سان حساب ڪبو. جئن تہ :-

جيئن ته ۲۵-۱-۶
۱۶
۱۵۰
۲۵
۴۰۰ آنا
۱ جوڙ
۴۰۱ آنا
۱۲ ×
۸۰۲
۴۰۱
۴۸۱۲ پايون
۶ پايون جوڙ
ڪل ۴۸۱۸ پايون

۲-۴-۶
۱۶
۳۲ آنا
۴ آنا جوڙ
۳۶ آنا
۱۲
۷۲
۳۶
۴۳۲ پايون
۶ پايون جوڙ
۴۳۸ ڪل پايون

هاڻي ٻنهي رقمن هڪ جنس تي ويون، تنهنڪري حساب ٿيو ته ۴۸۱۸ پاين مان ۴۳۸ پاين جا ڪيترا دفعا نڪرندا تنهن ڪري رڳي سادي ونڊ ڪبي

جيئن ته ۴۳۸)۴۸۱۸(۱۱
۴۳۸
۴۳۸
۴۳۸
۰ جواب ۱۱ دفعا

## ونڊ جا حساب

(۱) ۱۷ رپين ۵ آنن ۴ پاين جي چوٿين ٻٽي ڪريو.

(۲) ۱۹ خرار ۷ ڪاسا ۲ ٽويا ڇهن حصن ۾ ورهايو.

(٣) ٢٨ تولا ٣ رتيون سون ٩ ماڻهن کي ورهائي ڏيو.

(٤) ١٥ رپيا ٦ آنا ٢ پايون ڪو ماڻهو هڪ هفتي ۾ ڪمائي ٿو ته هڪ ڏينهن جي سندس ڪمائي ڪيڏو.

(٥) ٢٥ روپيا ١٤ آنا ٩ پايون، ٩ ماڻهن ۾ برابر ورهايو.

(٦) ٧٥ خرارن ٥٠ ڪاسن ٢ توين ٣ پاتوين ٢ جوڙاين کي ١٢ سان ونڊ ڪريو.

(٧) ٥٠ ڪنڊيون ٣ مڻ ٣٥ سير ١ پاءُ ٢ آنا، پورن ١٥ ڀاڱن ۾ ورهايو.

(٨) ٦٠ تولا ١١ ماسا ٥ رتيون ٣ ڳت سون جا ٢٥ سونارن کي ورهائي ڏيو.

(٩) ٥٦ ورهن ١٠ مهنن ١٥ ڏينهن ٢٠ ڪلاڪن جي ١٥ پتي ڪيو.

(١٠) هڪڙي تعلقي ۾ ٣٥ ملا آهن؛ سرڪار سڀني لاءِ ١٨٩٠ رپيا گرانٽ مقرر ڪئي آهي جنهن ته سراسري هر هڪ ملا کي ڪيترو ملندو؟

(١١) ١٥٤ رپيا ٨ آنا ورهاءِ ڏيو ٢٤ ماڻهنکي.

(١٢) علي ۽ عارب کي ٢٢٥ رپيا ٥ آنا ٤ پايون اهڙيءَ طرح ورهاءِ ڏيو جو عارب کي عليءَ کان ٽيڻو ملي.

(١٣) هڪڙي جاگيردار جي ساليانو آمدني (٢٨٥٠) رپيا آهي، هو سال ۾ سال ٧٦٦ رپيا ١ آنو جاين جي مرمت تي لڳائي ٿو ۽ هر سال ٢٠٠ رپيا بچائيندو ۾ وڃي ٿو. ٻڌايو ته هر روز ڪيترو خرچ ڪندو هوندو؟

(١٤) سومر ۽ جتي کي ٢٧٤ رپيا ٧ آنا ٤ پايون ورهاءِ ڏيو هن ريت جو سومر کي جتي کان ٢٣ رپيا ١٤ آنا ١٠ پايون وڌيڪ ملن.

## پاۀ جو کوڑو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۱/۴ | ۱/۴ |
| ۲ | ۱/۴ | ۱/۲ |
| ۳ | ۱/۴ | ۳/۴ |
| ۴ | ۱/۴ | ۱ |
| ۵ | ۱/۴ | ۱ ۱/۴ |
| ۶ | ۱/۴ | ۱ ۱/۲ |
| ۷ | ۱/۴ | ۱ ۳/۴ |
| ۸ | ۱/۴ | ۲ |
| ۹ | ۱/۴ | ۲ ۱/۴ |
| ۱۰ | ۱/۴ | ۲ ۱/۲ |
| ۱۱ | ۱/۴ | ۲ ۳/۴ |
| ۱۲ | ۱/۴ | ۳ |
| ۱۳ | ۱/۴ | ۳ ۱/۴ |
| ۱۴ | ۱/۴ | ۳ ۱/۲ |
| ۱۵ | ۱/۴ | ۳ ۳/۴ |
| ۱۶ | ۱/۴ | ۴ |
| ۱۷ | ۱/۴ | ۴ ۱/۴ |
| ۱۸ | ۱/۴ | ۴ ۱/۲ |
| ۱۹ | ۱/۴ | ۴ ۳/۴ |
| ۲۰ | ۱/۴ | ۵ |

## اڈ جو کوڑو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۱/۲ | ۱/۲ |
| ۲ | ۱/۲ | ۱ |
| ۳ | ۱/۲ | ۱ ۱/۲ |
| ۴ | ۱/۲ | ۲ |
| ۵ | ۱/۲ | ۲ ۱/۲ |
| ۶ | ۱/۲ | ۳ |
| ۷ | ۱/۲ | ۳ ۱/۲ |
| ۸ | ۱/۲ | ۴ |
| ۹ | ۱/۲ | ۴ ۱/۲ |
| ۱۰ | ۱/۲ | ۵ |
| ۱۱ | ۱/۲ | ۵ ۱/۲ |
| ۱۲ | ۱/۲ | ۶ |
| ۱۳ | ۱/۲ | ۶ ۱/۲ |
| ۱۴ | ۱/۲ | ۷ |
| ۱۵ | ۱/۲ | ۷ ۱/۲ |
| ۱۶ | ۱/۲ | ۸ |
| ۱۷ | ۱/۲ | ۸ ۱/۲ |
| ۱۸ | ۱/۲ | ۹ |
| ۱۹ | ۱/۲ | ۹ ۱/۲ |
| ۲۰ | ۱/۲ | ۱۰ |

## منو کوژو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۳/۴ | ۳/۴ |
| ۲ | ۳/۴ | ۱ ۱/۲ |
| ۳ | ۳/۴ | ۲ ۱/۴ |
| ۴ | ۳/۴ | ۳ |
| ۵ | ۳/۴ | ۳ ۳/۴ |
| ۶ | ۳/۴ | ۴ ۱/۲ |
| ۷ | ۳/۴ | ۵ ۱/۴ |
| ۸ | ۳/۴ | ۶ |
| ۹ | ۳/۴ | ۶ ۳/۴ |
| ۱۰ | ۳/۴ | ۷ ۱/۲ |
| ۱۱ | ۳/۴ | ۸ ۱/۴ |
| ۱۲ | ۳/۴ | ۹ |
| ۱۳ | ۳/۴ | ۹ ۳/۴ |
| ۱۴ | ۳/۴ | ۱۰ ۱/۲ |
| ۱۵ | ۳/۴ | ۱۱ ۱/۴ |
| ۱۶ | ۳/۴ | ۱۲ |
| ۱۷ | ۳/۴ | ۱۲ ۳/۴ |
| ۱۸ | ۳/۴ | ۱۳ ۱/۲ |
| ۱۹ | ۳/۴ | ۱۴ ۱/۴ |
| ۲۰ | ۳/۴ | ۱۵ |

## سوایو کوژو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۱ ۱/۴ | ۱ ۱/۴ |
| ۲ | ۱ ۱/۴ | ۲ ۱/۲ |
| ۳ | ۱ ۱/۴ | ۳ ۳/۴ |
| ۴ | ۱ ۱/۴ | ۵ |
| ۵ | ۱ ۱/۴ | ۶ ۱/۴ |
| ۶ | ۱ ۱/۴ | ۷ ۱/۲ |
| ۷ | ۱ ۱/۴ | ۸ ۳/۴ |
| ۸ | ۱ ۱/۴ | ۱۰ |
| ۹ | ۱ ۱/۴ | ۱۱ ۱/۴ |
| ۱۰ | ۱ ۱/۴ | ۱۲ ۱/۲ |
| ۱۱ | ۱ ۱/۴ | ۱۳ ۳/۴ |
| ۱۲ | ۱ ۱/۴ | ۱۵ |
| ۱۳ | ۱ ۱/۴ | ۱۶ ۱/۴ |
| ۱۴ | ۱ ۱/۴ | ۱۷ ۱/۲ |
| ۱۵ | ۱ ۱/۴ | ۱۸ ۳/۴ |
| ۱۶ | ۱ ۱/۴ | ۲۰ |
| ۱۷ | ۱ ۱/۴ | ۲۱ ۱/۴ |
| ۱۸ | ۱ ۱/۴ | ۲۲ ۱/۲ |
| ۱۹ | ۱ ۱/۴ | ۲۳ ۳/۴ |
| ۲۰ | ۱ ۱/۴ | ۲۵ |

## ڈیو کوڑو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۱½ | ۱½ |
| ۲ | ۱½ | ۳ |
| ۳ | ۱½ | ۴½ |
| ۴ | ۱½ | ۶ |
| ۵ | ۱½ | ۷½ |
| ۶ | ۱½ | ۹ |
| ۷ | ۱½ | ۱۰½ |
| ۸ | ۱½ | ۱۲ |
| ۹ | ۱½ | ۱۳½ |
| ۱۰ | ۱½ | ۱۵ |
| ۱۱ | ۱½ | ۱۶½ |
| ۱۲ | ۱½ | ۱۸ |
| ۱۳ | ۱½ | ۱۹½ |
| ۱۴ | ۱½ | ۲۱ |
| ۱۵ | ۱½ | ۲۲½ |
| ۱۶ | ۱½ | ۲۴ |
| ۱۷ | ۱½ | ۲۵½ |
| ۱۸ | ۱½ | ۲۷ |
| ۱۹ | ۱½ | ۲۸½ |
| ۲۰ | ۱½ | ۳۰ |

## اڈایو کوڑو

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۲½ | ۲½ |
| ۲ | ۲½ | ۵ |
| ۳ | ۲½ | ۷½ |
| ۴ | ۲½ | ۱۰ |
| ۵ | ۲½ | ۱۲½ |
| ۶ | ۲½ | ۱۵ |
| ۷ | ۲½ | ۱۷½ |
| ۸ | ۲½ | ۲۰ |
| ۹ | ۲½ | ۲۲½ |
| ۱۰ | ۲½ | ۲۵ |
| ۱۱ | ۲½ | ۲۷½ |
| ۱۲ | ۲½ | ۳۰ |
| ۱۳ | ۲½ | ۳۲½ |
| ۱۴ | ۲½ | ۳۵ |
| ۱۵ | ۲½ | ۳۷½ |
| ۱۶ | ۲½ | ۴۰ |
| ۱۷ | ۲½ | ۴۲½ |
| ۱۸ | ۲½ | ۴۵ |
| ۱۹ | ۲½ | ۴۷½ |
| ۲۰ | ۲½ | ۵۰ |

# باب سورهون

## ايڪي جي رستي حساب ڪرڻ.

### ( پهريون ٽپ )

**مثال ١**- هڪ نارنگي ٤ پائين ۾ ملي ته ٤ نارنگيون ڪيتري ملنديون ؟

| سمجهاڻي | وات |
|---|---|
| چار نارنگيون هڪ نارنگيءَ کان چوڻيون آهن، تنهنڪري ناڻو به چوڻو ڏيو. | هڪ نارنگيءَ جي قيمت ٤ پايون<br>٤ " " " ٤×٤=١٦ پايون |

**مثال ٢**- هڪ ٻڪري ملي ٿي ٥ رپئين تدهن ٦ ٻڪريون ڪيتري ملنديون ؟

| سمجهاڻي | وات |
|---|---|
| ٦ ٻڪريون هڪ ٻڪريءَ جي ڇهوڻ آهن، تنهنڪري ناڻو به ڇهوڻو ڏيو. | هڪ ٻڪريءَ جي قيمت ٥ رپيا<br>٦ " " " ٦×٥=٣٠ رپيا |

### ( ٻيو ٽپ )

**مثال ٣**- ٤ صوف ملن ٿا ١٢ پائين ته هڪ صوف ڪيتري ملندو ؟

| سمجهاڻي | وات |
|---|---|
| هڪ صوف ٤ صوفن جي چوٿين ڀتي آهي، انڪري قيمت به چوٿين ڀتي ٿيندس. | ٤ صوفن جي قيمت ١٢ پايون<br>١ " " " پايون ٣=٤÷١٢ |

**مثال ٤**- ٥ مڻ جوئر ١٥ رپئين ملي ٿي، ته هڪ مڻ ڪيتري ملندو ؟

سمجهاڻي

هڪ مڻ ٥ مڻن جي ڀاڱن ٿي آهي، انڪري قيمت بہ ڀاڱين ٿي ٿيندس۔

واٽ

٥ مڻن جي قيمت ١٥ رپيا

١ " " " رپيا ٣ = ٥ ÷ ١٥

### ٽيون ٽپ

مثال ٥- ٤ ٻڪريون ١٦ رپئين ملن ٿيون تہ ١٢ ٻڪريون ڪيتري ملنديون ؟

سمجهاڻي

٤ ٻڪريون ١٦ رپئين ملن ٿيون تہ هڪ ٻڪريءَ جو ملهہ ١٦ رپين جي چوٿين ڀاڱي يعني ٤ رپيا ٿيندو ۽ چوتہ هڪ ٻڪري ٤ ٻڪرين جي چوٿين ڀاڱي آهي۔

هاڻي جڏهن هڪ ٻڪريءَ جو ملهہ آهي ٤ رپيا تڏهن ١٢ ٻڪرين جو ٿيندو، هڪ ٻڪريءَ جي کان ٻارهوڻو يعني ٤٨ رپيا۔

واٽ

٤ ٻڪرين جو ملهہ ١٦ رپيا

١ " " " رپيا ٤ = ٤ ÷ ١٦

١٢ " " " ٤ × ١٢ = ٤٨ رپيا

مثال ٦- ٧ ماڻهو هڪ هفتي ۾ ٢١ رپيا ڪمائين ٿا تہ ١٥ ماڻهو ساڳي وقت ۾ ڪيترو ڪمائيندا ؟

سمجهاڻي

اول ڪڍ بو تہ هڪ ماڻهو هفتي ۾ ڪمائيندو ٢١ رپين جي ستين ڀاڱي يعني ٣ رپيا. ڇاڪاڻ جو هڪ ماڻهو آهي ٧ ماڻهن جي ستين ڀاڱي۔

واٽ

٧ ماڻهو ڪمائين ٿا ٢١ رپيا

١ " " " رپيا ٣ = ٧ ÷ ٢١

١٥ " " " ١٥ × ٣ = ٤٥ رپيا

هاڻي جڏهن هڪ ماڻهو ٿو ڪمائي ٣ رپيا تڏهن ١٥ ماڻهو ڪمائيندا ٣ رپين جي پندرهون يعني ٤٥ رپيا.

مٿين مثال ڪندي هروڀرو اها معلوم نه ڪيڻ گهرجي ته ايڪي جي وات سان سيکڻون حساب ڪندي پهرين هڪ جي قيمت ڪيڻ ضروري آهي؛ جو ته حساب ڪرڻ ۾ فقط اهو ڌيان ۾ رکڻو آهي ته ڪهڙي سولي رستي سان حساب نڪرندو جهڙن ته -

مثال ٧ — ٤ مڻ جانورن جا ٢٠ رپين ملن ته ١٦ مڻ ڪيتري ملندا؟

**سمجهاڻي**

هن حساب ۾ ٤ مڻن جي قيمت ٢٠ رپيا مليل آهي؛ هينئر ٤ مڻن جي چوڻ جيترن يعني ١٦ مڻن جي قيمت ڪڍڻي آهي جا ٤ مڻن واري قيمت ٢٠ رپين کان چوڻي يعني ٨٠ رپيا ٿيندي؛ جو ته ١٦ مڻ ٤ مڻن کان چوڻا آهن

**وات**

| | | |
|---|---|---|
| ٤ مڻن جي قيمت | | ٢٠ رپيا |
| ١٦ " " | " | ٢٠×٤=٨٠ رپيا |

مثال ٨ — ٦ ماڻهو ڪو ڪم ١٨ ڏينهن ۾ ڪن ٿا ته ٩ ماڻهو ساڳيو ڪم ڪيتري وقت ۾ ڪندا؟

**سمجهاڻي**

٦ ماڻهو ١٨ ڏينهن ۾ ڪن ٿا ته هڪ ماڻهو ڇهوڻا ڏينهن يعني ١٠٨ ڏينهن ۾ ڪندو ۽ انڪري ٩ ماڻهو ١٠٨ ڏينهن جي نائين ڀتي

**وات**

| | | |
|---|---|---|
| ٦ ماڻهو ڪن ٿا | | ١٨ ڏينهن |
| ١ " " | " | ١٨×٦=١٠٨ ڏينهن |
| ٩ " " | " ڏينهن | ١٠٨÷٩=١٢ |

جيترن ڏينهن يعني ١٢ ڏينهن ۾ ڪندا.

مثال ٩- ١١ سيرن جا (روپيه ٥ - آنه ٨) ملن ٿا ته (مڻ ١ - سير ١٥) ڪيتري ملندا؟

هن حساب ۾ اول (روپيه ٥ - آنه ٨) جا آنا ڪبا ته سي ٿيا ٨٨ آنا ۽ (مڻ ١ - سير ١٥) جا ۾ سير ڪبا ته سي ٿيا ٥٥ سير.

هينئر حساب هن ريت ٿيو ته ١١ سيرن جو ملهه ٨٨ آنا آهي ته ٥٥ سيرن جو ڪيترو ملهه ٿيندو؟

**سمجهاڻي**

٥٥ سير ١١ سيرن کان پنجوڻا آهن، انڪري سندن قيمت به پنجوڻي ٿيندي.

**واٽ**

١١ سيرن جي قيمت ٨٨ آنا

٥٥ " " ٨٨×٥=٤٤٠ آنا

٤٤٠ آنا = (روپيه ٢٧ - آنه ٨)

مثال ١٠- ٦ ٻڪريون برابر آهن ١٢ ڇيلن جي ۽ ٩ ڇيلا برابر آهن ٣ رڍن جي ته ١٢ ٻڪريون ڪيترن رڍن جي برابر ٿينديون؟

**سمجهاڻي**

٦ ٻڪريون ١٢ ڇيلن جي برابر آهن ته ١٢ ٻڪريون ٻيڻ ڇيلن يعني ٢٤ ڇيلن جي برابر آهن.

وري ٩ ڇيلا ٣ رڍن جي برابر آهن ته ٣ ڇيلا هڪ رڍ جي برابر ٿيندا.

٣ ڇيلا برابر هڪ رڍ جي ته ٢٤ ڇيلا برابر ٿيندا اٺوڻن رڍن جي يعني ٨ رڍن جي.

**واٽ**

٦ ٻڪريون برابر ١٢ ڇيلا

١٢ " " ١٢×٢=٢٤ ڇيلا

٣ رڍون " ٩ ڇيلا

١ " " ڇيلا ٣=٣÷٩

٣ ڇيلا برابر هڪ رڍ جي

٢٤ " " ١×٨=٨ رڍن جي

**مثال ۱۱** – جانورن جا ۴ مڻ ۲۴ رپين ملن ٿا تہ ۱½ مڻ جانورن جو ڪيترو ملندو؟

### سمجهاڻي

۴ مڻن جي قيمت ۲۴ رپيا تہ هڪ مڻ جي قيمت ٿيندي ۲۴ رپين جي چوٿين ڀتي يعني ۶ رپيا، اڌ مڻ جي قيمت ٿيندي ۳ رپيا. پوءِ ۶ رپيا ۽ ۳ رپيا جوڙ ڪبا تہ ۱½ مڻ جي قيمت ٿيندي ۹ رپيا.

هڪ مڻ جي قيمت آهي ۶ رپيا تہ ڏيڍ مڻ جي قيمت ٿيندي ۶ رپين جي ڏيڍوڻ يعني ۹ رپيا.

### واٽ

۴ مڻن جي قيمت آهي ۲۴ رپيا

۱ " " " " رپيا ۶ = ۴ ÷ ۲۴

۱½ " " " " رپيا ۹ = ۱½ × ۶

**مثال ۱۲** – هڪ ڀتي ملي ٿي ۰–۴–۱ (روپيہ آنہ) هڪ چمڙي ۶–۲–۰ (آنا پايون) تہ ۶ ڀتيون چمڙن سوڌيون ڪيترو ملنديون؟

### سمجهاڻي

هڪ ڀتي رهي چئين آنين تہ ۶ ڀتيون ملنديون ڇهوڻ قيمت يعني سٺين رپين اٺين آني. وري هڪ چمڙي ٻن آنن ڇهن پاين ملي ٿي تہ ۶ چمڙيون ملنديون ڇهوڻ قيمت يعني ۱۵ آني. انڪري ۰–۸–۷ (روپيہ آنہ) ۽ ۱۵ آنا مڙئي ٿيا ۰–۷–۸ (روپيہ آنہ)

### واٽ

هڪ ڀتي ملي ٿي ۲۰ آنا

۶ " " " ۶ × ۲۰ = ۱۲۰ آنا

۱ چمڙي ملي ٿي ۳۰ پايون

۶ " " " ۶ × ۳۰ = ۱۸۰ پايون

۱۲۰ آنا = ۷–۸–۰ (روپيہ آنہ)

۱۸۰ پايون = ۰–۱۵–۰

---

۰–۷–۸ رپيا جوڙ

ٿي هڪ سال ۾ ۴ وياج ٿو ملي، تہ ۲۵۰ رپين جو ۳ سالن لاءِ
ڪيترو وياج ملندو؟

هن ۾ جواب وياج جو گهرجي.

ڄاڻ

۱۰۰ رپين تي هڪ سال لاءِ وياج ۴ رپيا
۱ " " " " " " $\frac{۴}{۱۰۰}$ "
۲۵۰ " " " " " " $\frac{۴ \times ۲۵۰}{۱۰۰}$ "
۲۵۰ " " ۳ " " " $\frac{۴ \times ۲۵۰ \times ۳}{۱۰۰}$ " يعني ۳۰ رپيا گهربل وياج

**مثال ۲-** هڪ رپئي تي هڪ مهيني لاءِ $\frac{۱}{۲}$ آني وياج جي
نرخ سان ۸۰ رپين جو ۶ مهينن لاءِ وياج ڪيترو ٿيندو؟

وات- ۱ رپئي جو هڪ مهيني لاءِ وياج $\frac{۱}{۲}$ آنو = $\frac{۱}{۳۲}$ رپيو
۱ " " ۶ " " " $\frac{۶}{۳۲}$ "
۸۰ " " " " " " $\frac{۶ \times ۸۰}{۳۲}$ " يعني ۱۵ رپيا وياج

**مثال ۳-** هڪ رپئي تي هڪ مهيني ۾ ۴ پايون وياج ٿو
ملي، تہ ۲۰۰ رپيا ۶ مهينن کان پوءِ وياج سميت ڪيترا ٿي ملندا؟
هن حساب ۾ جواب راس جو گهرجي.

وات- ۱ رپئي جو هڪ مهيني لاءِ وياج ۴ پايون = $\frac{۴}{۱۹۲}$ = $\frac{۱}{۴۸}$ رپيو
" " " ۶ " " " $\frac{۶}{۴۸}$ "
۲۰۰ " " " " " " $\frac{۶ \times ۲۰۰}{۴۸}$ " يعني ۲۵ رپيا وياج

گهربل جواب ٢٢٥ رپيا راس = ٢٥ رپيا وياج + ٤٠٠ رپيا ورو.

**مثال ٤-** ٣٠٠ رپين تي ٤ ورهن ۾ وياج ٿيو آهي ٦٠ رپيا، تڏهن سال ۾ في سيڪڙي وياج جو اگهه ڪهڙو ٿيو؟

وات- ٣٠٠ رپين تي ٤ ورهن ۾ وياج ٦٠ رپيا
" ٦٠/٤ " " " ١ " " "
٦٠ " " " " " " ١٠٠

——— " يعني ٥ رپيا وياج
٣ × ٤

**نوٽ-** ١٠٠ رپيا ٣٠٠ رپين جي ٽي ڀڃي آهن، انڪري وياج به ٽي ڀڃي ٿيندو.

**مثال ٥-** ٢٤ رپيا وياج تي چاڙهڻ ڪري ٣ مهينن کان پوءِ
آنا رپيا
(٢ــــ٢٥ ) ٿي مان ٿا، ته هڪ رپئي تي هڪ مهيني لاءِ ڪيترو وياج مقرر ٿيل آهي؟

پئسا آنا آنه رپيه رپيا آنه رپيا
٧٢ = ٨ ١ = (٠ــــ٢ــــ١) وياج = (٠ــــ٠ــــ٢٤) ورو − (٠ــ٢ــ٢٥) راس

وات- ٢٤ رپين جو ٣ مهينن لاءِ وياج ٧٢ پئسا
" ٧٢/٣ " " " ١ " " "
٧٢ " " " " " " ١

——— " يعني هڪ پئسو وياج
٣ × ٢٤

**مثال ٦-** سال ۾ سوتي ٥ رپيا وياج جي نرخ سان ٣٦٠ رپين تي ٧٢ رپيا وياج ڪيترن ورهن ۾ ملندو؟
هن ۾ جواب مدي جو گهرجي.

وات- ١٠٠ رپين تي ٥ رپيا وياج آهي ١ ورهه ۾
" " ٧٢/٥ " " " ٧٢ " " "
٧٢ × ١٠٠ " " " " " " ١

——— " "
٥

۳۶۰ " " " " " " ۷۲×۱۰۰/(۵×۳۶۰) " يعني ۴ ورهين ۾

**مثال ۷-** سال ۾ في سيڪڙي ۴ رپيا ڀاڙا سان ۳ ورهين ۾ ۵۴ رپيا وياج ڪيترن رپين تي ملندو؟

من ۾ جواب مور جو گهرجي.

وات- هڪ ورهه ۾ ۴ وياج ۱۰۰ رپين تي

۳ " " " " ۱۰۰/۳ " "

" " " ۱ " ۱۰۰/(۳×۴) " "

" " " ۵۴ " ۱۰۰×۵۴/(۳×۴) " يعني ۴۵۰ رپيا گهربل مور.

## اِستعمالي مثال

(۱) هڪڙي رقم تي هڪ مهيني ۾ هڪ پئسو وياج آهي ته ۲۴ رپين جو ۳ مهينن ۾ ڪيترو وياج ٿيندو؟

(۲) ۵ رپين تي ۶—۲ آنا پايون وياج هڪ مهيني ۾ ملي ٿو ته هڪ سو رپين جو هڪ مهيني لاءِ وياج ڪيو.

(۳) ڪي رقم مهيني جي حساب سان هڪ سؤ رپين تي هڪ مهيني لاءِ وياج ڇا ٿيندو.

(۴) ۱۰۰ رپين تي هڪ مهيني لاءِ وياج ۰—۹—۱ رپيو آنا آهي ته هڪ رقم تي ساڳي وقت لاءِ وياج ڪيو.

(۵) ۲۵ رپين تي هڪ مهيني ۾ ۲—۴ آنا پايون وياج ٿئي ٿو ته هڪ رقم تي ۶ مهينن لاءِ وياج ڪيو.

(۶) ۲ رپين مور جي راس ۴ مهينن ۾ ۰—۸—۶ آنا رپيا ٿئي

(١٦) هڪ هزار رپيا قرض ڪنهن هڪ رهڻي تي ماهيانو ٤ پائون وياج جي نرخ سان، ڏيئي ٿو، ٨ مهينن بعد ڪيترو واس ڏيڻو پوندو؟

(١٧) ڪنهن زميندار ٥٠٠٠ رپيا ٥ ورهن لاءِ اڌارا ورتا في سال في سيڪڙي ٥ وياج سان. پڌايو ته مدي پڄاڻ بعد کيس ڪيترو وياج ڏيڻو پوندو؟

(١٨) سال ۾ سو تي ٤ وياج سان ٣ ورهن ۾ ڪهڙي رقم ٧٨٤ رپيا ٿيندي؟

(١٩) في سيڪڙي ٦ پڻا سان ٣٥٠ رپين جو وياج ٨٤ رپيا ڪيترن ورهين ۾ ٿيندو؟

(٢٠) ٤٥٠ رپين تي ٤ ورهين ۾ وياج پيو آهي ١٠٨ رپيا ته سال ۾ سو تي وياج جو نرخ پڌايو.

## باب ارڙهون

### متفرقا سوال

(١) اها ڪهڙي رقم آهي، جنهنمان ٥٦٠ رپيا ڪاٽي وڃن ته باقي ٩١٠ رپيا بچن.

(٢) ٣٥٩٩٩ کي ڪئن پڙهبو؟

(٣) هڪڙي واپاريءَ ٣٠٠ وال ڪپڙي جا ١٠٠٠ رپين ورتا ۽ في وال ٤ رپين ڪري وڪيا؛ ته پڌايو ته هنکي ڪيترو فائدو ٿيو.

(٤) ڪهڙي انگ کي ٢٦ سان ضرب ڪجي جو ضرب اپت ٣٣٨ اچي؟

(٥) ١١٩ کي ڪنهن انگ سان ونڊ ڪجي ٿي، ته ونڊ اپت ٨ ۽ باقي ٧ اچيٿي، ٻڌايو ته اهو انگ ڪهڙو؟

(٦) ٽيرهن پيرا ٻارهن وڏيڪ آهن پاڻ ٻيرا ڏهه وڏيڪ آهن ۽ ڪهڙو ڪيترو وڏيڪ آهي؟

## جواب

### باب پهريون (الف) صفحو ۶

(۱) ستاويهه ۲۷ (۲) اڻونجاهه ۴۹ (۳) ٻياسي ۸۲ (۴) ستر ۷۰ (۵) ڇاهٺ ۶۶ (۶) ٽيونجاهه ۵۳ (۷) اٺانوي ۹۸.

### (ب) صفحو ۷

(۱) ٽي ڏهاڪا ۽ ٻه ايڪا (۲) هڪ ڏهاڪو ۽ نو ايڪا (۳) ٽي ڏهاڪا ۽ ست ايڪا (۴) پنج ڏهاڪا ۽ هڪ ايڪو (۵) پنج ڏهاڪا ۽ نو ايڪا (۶) ڇهه ڏهاڪا ۽ ست ايڪا (۷) ست ڏهاڪا ۽ نو ايڪا (۸) ست ڏهاڪا (۹) اٺ ڏهاڪا ۽ اٺ ايڪا (۱۰) نو ڏهاڪا ۽ پنج ايڪا (۱۱) نو ڏهاڪا ۽ نو ايڪا.

### باب ٻيو (الف) صفحو ۹

(۱) ستٽيهه، اڻونجاهه، ٽيهتر، اٺهٺ، اٺاسي، ستاسي، اٺانوي، نوي.

(۲) هڪ سو پنج، ٻه سو اٺاسي، ٽي سو ستر، ڇهه سو نو. ست سو اڻونجاهه، اٺ سو هڪ، ست سو، نو سو اٺانوي.

(۳) هڪ هزار اڻٽيهه، هڪ هزار ٻه سو ٽي، هڪ هزار چار سو ستر، هڪ هزار نو سو، ٻه هزار پنج، ٽي هزار ويهه.

### (ب) صفحو ۹

(۱) ۱۷، ۲۹، ۴۳، ۵۷، ۶۰، ۶۹، ۸۷، ۸۹، ۹۹.

(٢) ١٠١، ٢٣٠، ٤٣٩، ٦٦٧، ٨٧٩، ٩٠٠ .
(٣) ١٠٠٧، ٢٠١٩، ٣٤٠٥، ٩٠٨٩، ٧٠٠٠،
٨٧٥٠ .

## متفرقا سوال ٩

(١) ٩، (٢) ١٠، ٩٩، (٣) ١٠٠، ٩٩٩٩ .
(٤) ٽي هزار سپ ڪان وڏي قيمت وارو ۽ چار
سپ ڪان گهٽ ملهه وارو آهي .
(٥) ٻه سو ٽيهه (٦) چا ونجاهه.

## باب پنجون صفحو ١٣١

### سادي جوڙ

(١) الف ٣٩ (ب) ٤٧ (٢) الف ٨٧
(ب) ١٦٢ (٣) الف ١٢٨ (ب) ٦٥٩ (٤) الف
٢٣٧٠ (ب) ٧٤٥٥ (٥) الف ٩٦٧٠ (ب) ٣٩٢٩
(٦) الف ٨٣٦١ (ب) ٢٠٧٣١ (٧) ١٦٣١٦ (٨)
١٩٧١٢ (٩) ١٧٨ ميل (١٠) ١٢٧٣ دڪان (١١)
٣٠ رپيا (١٢) ١٠٠ صوف (١٣) ٢٨٢ ڇوڪر (١٤)
١٧٤٢ (١٥) ١٠٢٧ (١٦) ١٨٠ وڻ (١٧) ١١٠
ڏيهن (١٨) ٢٦٢١ ورهيه (١٩) ١٩٢ ڏسپاٽيون
(٢٠) ١٠١١٩٨ (٢١) ٥٦٤١ ميل (٢٢) ٩٩٩٨٦٤
ماڻهو (٢٣) ٥٧٤٢ فوٽ (٢٤) ٣١٢ رپيا (٢٥)
٢٤٥٢ موريون .

## باب ڇهون

صفحو ۲۱

### سادي ڪٽ

(۱) الف ۸ (ب) ۲۷ (۲) الف ۳۹ (ب)
۲۹ (۳) الف ۷۶ (ب) ۱۸۹ (۴) الف ۲۴۵
(ب) ۱۸۶۵ (۵) الف ۱۶۵۱ (ب) ۴۰۱۳۸ (۶)
الف ۱۹۰۰۲ (ب) ۹۹۹۵ (۷) الف ۲۹۳۹۶ (ب)
۲۳۳۳۲ (۸) الف ۱۹۷۱۶ (ب) ۴۴۵۶۵ (۹) ۲۴۹
رپيا (۱۰) ۴۲۲۲ رڏون (۱۱) ۶۰۲۴ (۱۲) ۲۱۸
ميل (۱۳) ٻيو انگ ۱۲۹۱ (۱۴) احمد کي ۲۶ـ الياس
کي ۲۳ عليءَ کي هڪ (۱۵) ۱۷۳ ورهه (۱۶) ۳۷ ورهه
(۱۷) سومار جي عمر ۳۱ ورهه ۽ ڄاڙي جي ۴۲ ورهه ۽ ڄاڙي
۽ پيراڻي جي ڄمار جو فرق ۵ ورهه (۱۸) عارب جون
۴۱ـ احسان جون ۱۴ ۽ احمد جون ۵۷ ڏوڙون (۱۹)
۲۶ ورهه (۲۰) ۸۰۰ رپيا (۲۱) ۵۸ ورهه (۲۲) وڏو
۳۲ ۽ ننڍو ۲۱ (۲۳) ۲۷۳۳ ننڍو ۽ جوڙ ۵۶۴۵ (۲۴)
۲۸۱۱۶ ماڻهو وڌيا (۲۵) ۲۵۶.

## باب ستون

صفحو ۲۹

### سادي ضرب

(۱) الف ۵۶ (ب) ۸۱ (ج) ۹۱ (د) ۱۵۲
(۲) الف ۱۲۱ (ب) ۲۳۴ (ج) ۹۳۶ (د) ۱۶۶۶
(۳) الف ۶۵۰ (ب) ۱۰۹۶ (ج) ۳۵۳۶
(د) ۶۷۳۲.

(۴) الف ۱۰۶۰ (ب) ۳۹۲۴ (ج) ۴۴۰۰
(د) ۶۸۰۴

(۵) الف ۹۸۰۱ (ب) ۱۴۱۴۱ (ج) ۱۳۶۲۳
(د) ۳۴۹۱۴

(۶) الف ۳۰۶۰۳ (ب) ۷۳۲۶۰ (ج)
۱۲۲۷۱۵ (د) ۲۰۱۵۵۲

(۷) الف ۲۳۹۰۰۰ (ب) ۲۶۵۸۵ (ج)
۱۰۳۶۰۰ (د) ۱۲۸۱۴۲

[۸] الف ۱۰۱۱۰۱ (ب) ۶۰۹۶۰۹ [ج]
۲۵۲۷۵۲۵ [د] ۸۹۰۱۰۹

(۹) ۲۷۰ـ اٺ (۱۰) ۳۰۰ رپيا (۱۱) ۱۸۶۹
رپيا (۱۲) ۵۷۶۰ پايون (۱۳) ۸۱۱۲ هٿ (۱۴)
۴۸۰ پها (۱۵) ۱۰۲۲۰ ڏيهن (۱۶) ۴۲۲۵ رپيا
(۱۷) ۹۰ آڊ يا ۵ رپيه ۱۰ آڊ (۱۸) ۱۷ جو اڌڪ
۱۷ پيرا وڌو آهي ۴۲ ـ ايڪا (۱۹) ۶۵۰ رپيا (۲۰)
۴۳ مڻ ۳۰ سير (۲۱) ۳۱۵ صفحا (۲۲) ۲۲۱۶۹۶۰۱
(۲۳) ۳۹۳۶۸ قلم (۲۴) ۳۳۷۶ (۲۵) ۸۶۰ ڍيريون
(۲۶) ۴۳۹۹۸ پيهر (۲۷) ۴۱۲۰ رپيا (۲۸) ۵۹۹۹۴
ماڻهو (۲۹) ۱۳۰۹ رپيا (۳۰) ۹۱۰ رپيا.

## باب اٺون

صفحو ۳۶

### سادي ونڊ

(۱) ۳۸ صوف (۲) ۷۴ رپيا (۳) ۱۵۲ جوڙڪ
(۴) ۹۳ وڻ (۵) ۸۸ رپيا (۶) ۱۲۵ (۷) ۷۹۸ سڄا

۽ ۱۰ پاڇي (۸) ۵۰۹ (۹) ۱۲ سڄا ۽ ۱۵ پاڇي (۱۰)
۴ (۱۱) ۳۵ رپيا (۱۲) ۲۵ (۱۳) ۵ ڪتاب (۱۴)
۲۴ (۱۵) ۸۸ (۱۶) ۳۱۵ فقير (۱۷) ۲۳۰۰ رپيا
هر هڪ کي (۱۸) هاشم کي ۲۷۰ رپيا شفيع محمد کي
۲۳۰ رپيا (۱۹) ۱۰۴ پيرا (۲۰) ۶۵۲ (۲۱) ۱۷۳۴
جوڙا ۽ ۲۸۹ ڏزن (۲۲) هڪ پنسو (۲۳) ۵۶۷ (۲۴)
۴۰۰ (۲۵) ۹۸۵ (۲۶) ۴۳ (۲۷) ۲۳۷.

## باب ڏهون (الف) صفحو ۴۶

### لهڻ ۽ مٽڻ

(۱) ۱۹۲ آنا (۲) ۱۰۳۶ پائيون (۳) ۲۵۶۰۰
ٽولا (۴) ۱۰۶۶ (۵) ۴۸۳۲۰ آنا (۶) ۱۱۵۱۷ پائيون
(۷) ۱۷۵۹۲ ٽولا (۸) ۷۴۴۶۰۰ ڪلاڪ (۹) ۱۹۲۰
منٽ (۱۰) ۹۸۶۳ چوٿائيون (۱۱) ۲۱۰۳۶۰ آڌيا (۱۲)
۹۹۵۵۲ ٽڪا (۱۳) ۲۷۸۱۶۸۴۰۰ سيڪنڊ (۱۴)
۱۷۸ـ انچ (۱۵) ۷۰۶۵۶۰۰ منٽ (۱۶) ۱۱۲۸. انچ
(۱۷) ۱۰۶۰ پنسا (۱۸) ۹۱۶ چوڪر (۱۹) ۸۰۰ـ انب
(۲۰) ۳۸۴۰ آدمي (۲۱) ۲۲۰۲ شاگرد (۲۲) ۳۵۲۰۶۱۱
ٽولا (۲۳) ۳۹۱۴۲۵ چوٿائيون (۲۴) ۱۰۹۵۰۰ ڏينهن
(۲۵) ۱۴۰۶ دوآنيون.

## (ب) صفحو ۴۷

### چڙهڻ ۽ مٽڻ

(۱) هڪ رپيو (۲) ۲۰۰ رپيا (۳) ۴۸ مڻ ۵
سير (۴) ۲۲ ڏينهن ۸ ڪلاڪ (۵) ۵ مڻ ۲۰ سير (۶)

۳۵ ڪنڊيون ۲ مڻ (۷) ۲۳ خرار ۵۴ ڪاسا ۳ ٽويا
هڪ چوٿائي (۸) ۱۰ خرار ۲۵ ڪاسا (۹) ۹ هفتا ۱۷
ڪلاڪ ۲۰ منٽ (۱۰) ۶ تولا ۶ ماسا هڪ رتي (۱۱)
۲ فرلانگ ۴ ميل (۱۲) ۸۶ رپيا ۷_آڌ ۲ پائيون (۱۳)
۴۸۰_ ايڪڙ (۱۴) ۸۰۴ رپيا ۸_آڌ (۱۵) ۹ ورهه ۲۸۰
ڏينهن ۱۱ ڪلاڪ (۱۶) ۴۹ رپيا هڪ دوآني (۱۷)
۱۰۷۴ شاگرد (۱۸) ۵ تولا ۸ ماسا ۶ رتيون ۲ منگ
[۱۹] ۱۰۱ خرار ۵۶ ڪاسا هڪ چوٿائي [۲۰] ۸۲ رپيا
۱۲ _ آنا ۸ پائيون [۲۱] ۲۴۴ رپيا ۳ پائيون [۲۲]
۱۰۱ رپيا ۱۰_ آڌ [۲۳] ۲ خرار ۴۷ ڪاسا ۲ ٽويا
۲ پاتيون هڪ چوٿائي [۲۴] ۱۲۰ رپيا ۵ _ آڌ [۲۵]
۱۰۳ رپيا ۲ _ آڌ .

## باب يارهون

صفحه ۴۹

### ڪٽيل جوڙ

[۱] ۲۳۹ رپيا ۵ _ آڌ ۱۰ پائيون [۲] ۱۱۳۷
مڻ ۱۵ سير هڪ آڌو [۳] ۲۳۷ ورهيه ۸ مهينا ۱۱ ڪلاڪ
[۴] ۹۰۱ خرار ۱۱ ڪاسا ۲ ٽويا ۲ پاتيون [۵]
۶۶۵۹۹ رپيا ۱۲_ آڌ ۶ پائيون [۶] ۳۷۵ تولا ۸ ماسا
هڪ رتي ۳ منگ [۷] ۱۵ رپيا ۳ _ آڌ ۵ پائيون [۸]
۲۹ خرار ۱۹ ڪاسا هڪ پاٽوئي [۹] ۱۲ تولا ۱۱ ماسا
۴ رتيون [۱۰] ۱۲ ڪلاڪ ۲ منٽ [۱۱] ۱۱۸۱
رپيا ۵ _ آڌ هڪ پائي [۱۲] ۲۲۷ ڪنڊيون ۲ مڻ
۲۸ سير ۳ پا ـ ۳ ـ آنا [۱۳] ۱۲ مهرون ۴ رپيا

۱۳ – آنا ۵ پايون [۱۴] ۱۰۱۰ رپيا ۶ – آنا ۲ پايون [۱۵] ۴ ڪنجيون ۶ مڻ ۲۶ سير هڪ پاءُ [۱۶] ۹۸۸ رپيا ۲ – آنا ۲ پايون [۱۷] ۱۰ ڪنجيون ۴ ۱۴ سير ۴ ۱۳ تولا [۱۸] ۵۸۲۱ رپيا ۲ – آنا ۲ پايون [۱۹] ۲۸ تولا ۸ ماسا هڪ رتي هڪ منگ [۲۰] ۷۹ رپيا [۲۱] ۳۰ روپيه ۱۳ آنا [۲۲] ۵۳ خرار ۴۳ ڪاسا ۲ ٽويا ۲ پاٽيون ۳ چوٿايون [۲۳] ۵۸ رپيا ۱ – آنو [۲۴] ۱۲۱ رپيا ۱۵ – آنا ۷ پايون [۲۵] ۳۳۱ رپيا هڪ آنا ۲ پايون.

## باب ٻارهون

صفحه ۵۵

### گڏيل ڪٽ

[۱] هڪ روپيه ۴ – آنا ۵ پايون [۲] ۱۹ رپيا ۵ – آنا ۳ پايون [۳] ۶ مڻ ۲۲ سير ۳ پاءُ [۴] ۶ ورهيه ۴ مهينا ۲۷ ڏينهن ۲۲ ڪلاڪ [۵] ۴ ڏيهه ۱۵ منٽ (۶) ۲ مهينا ۲ ڏينهن [۷] ۲ تولا ۲ ماسا هڪ رتي [۸] ۱۶ رپيا ۱۳ – آنا ۹ پايون [۹] ۳۵۳ رپيا ۷ – آنا [۱۰] ۱۶ رپيا ۱۰ – آنا [۱۱] ۲۸۹ رپيا ۱۳ – آنا هڪ پائي [۱۲] ۳۸ مڻ ۲۴ سير ۲ پاءُ هڪ آڌو [۱۳] ۲۶ رپيا ۴ – آنا ۳ پايون [۱۴] ۲۹۴ رپيا ۳ – آنا ۶ پايون [۱۵] ۱۰۱ رپيا ۱۱ – آنا ۲ پايون [۱۶] ۱۵ رپيا ۳ – آنا ۸ پايون [۱۷] ۵۳۲ رپيا ۸ – آنا ۲ پايون [۱۸] ۱۷ مڻ ۴ سير ۳ پاءُ [۱۹] ۲ تولا هڪ ماسو ۲ رتيون ۲ منگ [۲۰] ۲۳ خرار ۴۴ ڪاسا ۲ ٽويا ۲ پاٽيون ۲ چوٿايون [۲۱] هڪ مڻ

[۲۳] ۳٦ سير ۱۳ـآنا [۲۲] ۵۰ ڪنڊيون ۳ مڻ ۲۱ سير
۲ تولا ۱۰ ماسا ۳ رتيون ۳ مگ [۲۴] ننڍي رقم ۴۰
خوار ۲۰ ڪاسا ۳ ٽويا ۲ چوٿايون ۽ وڏي رقم ۵۹ خوار ۴۴
ڪاسا ۳ ٽويا هڪ چوٿائي [۲۵] خميسي جا ۲۸ رپيا ۳
پايون خانوءَ جا ۸۴ رپيا ۱۰ـآنا ۱۱ پايون ۽ خير محمد جا
۱۸۷ رپيہ ۴ـآنا ۱۰ پايون

## باب تيرهون

صفحہ ۵۹

### گڏيل ضرب

[۱] ۱۳۱ روپيہ ۱۳ ـ آنا ۸ پايون [۲] ۲۱ مڻ
۳۹ سير ٽي پاءُ [۳] ۳۳ روپيا ۲ـآنا ۹ پايون [۴]
۱۸ مڻ ۷ سير ۲ پاءُ [۵] ۴۴ رپيا ٦ ـ آنا ۸ پايون
[٦] ۱۵ ڪاسا هڪ ٽويو ۳ پاتيون ۲ چوٿايون [۷] ٽي
مڻ ۳۰ سير [۸] ۹۹ تولا ۲ ماسا ۵ رتيون [۹] ٦۳۴۴ رپيا
۴ ـآنا [۱۰] ۳۱۰ رپيا ۱۰ ـآنا [۱۱] ۳۰۵۵ رپيا ۸ ـ آنا
[۱۲] ۱۳۱ آنا ۷ پايون [۱۳] ۱۰۹۹٦ رپيا ۴ـآنا ۱۱ پايون
[۱۴] ۱۲۳٦۳ رپيا ۹ ـ آنا ۳ پايون [۱۵] ۴ ڪلاڪ
۳۷ منٽ ۳۰ سيڪنڊ [۱٦] ۱۸۴ خوار ۴۰ ڪاسا ۲
ٽويا [۱۷] ۵۲ تولا ۴ رتيون هڪ منگر [۱۸] ۳۴۸ رپيا
۱۲ ـ ۹ پايون [۱۹] ۱۷۰ ڪنڊيون ۳ مڻ ۳۹ سير [۲۰]
۴۵۱۸ مهينا ۱۳ ڏينهن ۴ ڪلاڪ ۵۴ منٽ ۴۵ سيڪنڊ
[۲۱] ۸۴ ريہ ۱۹ پنا [۲۲] ۹۲۳ مهرون ۱۰ رپيہ ۱۲ ـ آنا
۴ پايون [۲۳] ۳۲۰ مڻ ۱٦ سير ۲ پاءُ ۳ ـ آنا ۳ تولا

[٢٤] ١٩٥٩٨ ورهه ٨ ڏينهه ڪلاڪ ٣٨ منٽ ٤٨
سيڪنڊ [٢٥] ٣٣ روپيه ٧ - آنه ٧ پائيون ۔

## باب چوڏهون

صفحو ٦٣

### گڏيل وڪڙ

[١] ٤ روپيا ١٥- آنه ٤ پائيون [٢] ٣ خرار ١١ ڪاسا
هڪ ٽويو [٣] ٢ تولا هڪ ماسو ٣ رتيون [٤] ٢ روپيا
٣- آنه ٢ پائيون [٥] ٢ روپيا ٤ ١- آنه هڪ پائي [٦] ٦ خرار
١٩ ڪاسا ٣ پاٽيون ٢½ چوٿائيون [٧] ٣ ڪنڊيون ٢ مڻ
٣٧ سير ٢ تولا [٨] ٢ تولا ٥ ماسا ٢ رتيون ۽ پاچي ١
منگر [٩] ٣ ورهه ٩ مهينا ١٥ ڏينهن هڪ ڪلاڪ ٢٠
منٽ [١٠] ٥٤ روپيا [١١] ١٨ روپيا ١٣- آنه [١٢] علي
کي ٥٦ روپيا ٥ - آنا ٤ پائيون ۽ عارب کي ١٦٩ روپيا
[١٣] ٥ روپيا ٢ - آنه ٧ پائيون [١٤] سومار کي ١٤٩
روپيا ٣ - آنه هڪ پائي ، ڇنڇر کي ١٢٥ روپيا ٤- آنه ٣
پائيون [١٥] الهه بخش کي ٧٣٦ روپيا ٩ - آنه ٨ پائيون،
پيراڻي کي ٩٠٢ روپيا ٦ - آنه ٤ پائيون [١٦] ٧٣٤ روپيا
٤ پائيون [١٧] ١٨ مڻ ٣٨ سير ١٢ تولا [١٨] هر هڪ کي
٣ سير ٤ تولا ٢ ماسا ٦ رتيون هڪ منگر سون مليو ۽
٤ منگر پاچي رهيا [١٩] ٣٢٠٠ روپيا [٢٠] ٢٨ روپيا
٤ - آنه ١٠ پائيون [٢١] ٤٠ رڪون (٢٢) ٧٥٤٤ روپيا
١١ - آنه [٢٣] ٢٥ [٢٤] ڀرئين کي ٢ ڪنڊيون ٦ مڻ
٣٠ سير ٻئي کي ١١ ڪنڊيون ٣ مڻ ٽئين کي ٢٢ ڪنڊيون

٦ مڻ [ ٢٥ ] ها شرکي ٢ روپيا ٤ - آنا ١٠ پايون ٽوڙو ڪي ٢ روپيا ١٠ - آنا ٦ پايون ۽ سائيڊنر ڪي ٧ روپيا ١٥ آنا ٦ پايون.

## باب سورهون

صفحو ٧٤

### ايڪي جي رستي وارا حساب

(١) ٤ روپيا (٢) هڪ روپيو ٥ - آنا (٣) ٢ - آنا [٤] ٤-آنا ٨ پايون [٥] ٥٠ روپيا [٦] ٨ روپيا [٧] ٤٠ روپيا [٨] ١٢ روپيا [٩] ٤٥ روپيا [١٠] ٥ روپيا ١٥ - آنا (١١) هڪ روپيو ٦ - آنا [١٢] ١٦٠ روپيا [١٣] ١٢ - آنا [١٤] ٢١٠ ميل [١٥] ١٠ - آنا [١٦] ٣٧ روپيا ٨ - آنا [١٧] ١١٢٥ وال [١٨] هڪ روپيو ٤ - آنا [١٩] ٨ ڏينهن [٢٠] ٢٠ سير [٢١] ٦٠٠ ماڻهو [٢٢] ٤٨ روپيا [٢٣] ٦ آنا - ١١ روپيا [٢٤] ٦ - ايڪڙ [٢٥] هڪ آنو چار پايون.

## باب سترهون

صفحو ٨١

### چالو وياج

[١] هڪ روپيو ٢ - آنا [٢] ٣ روپيا ٢ - آنا [٣] ٣ روپيا ٢ - آنا [٤] ٣ پايون [٥] هڪ آنو [٦] هڪ روپيو ٨ - آنا [٧] ٦ روپيا ٤ - آنا [٨] ٢٥ روپيا [٩] ٣٧ روپيا ٨ - آنا [١٠] ٤ پايون [١١] ١٥ روپيا [١٢] هڪ روپيو [١٣] ٣١ روپيا ١٤ - آنا [١٤] ٨ پايون [١٥] ١١٠ روپيا [١٦] ١١٦٦ روپيا ١٠ - آنا ٨ پايون [١٧] ١٢٥٠ روپيا [١٨] ٧٠٠ روپيا [١٩] ٤ ورهيه [٢٠] ٦ روپيا.

صفحو ۸۷

# باب ارڙهون

## متفرقا سوال

[۱] ۱۴۷۰ رپيا [۲] پنجتيهه هزار ٻه سو ٻوانوي
[۳] ۲۰۰ رپيا [۴] ۱۳ [۵] ۱۴ [۶] ۱۰ پندرهن پيرا
[۷] ۱:۵۱۲۵ لفظ [۸] گهوڙي جي قيمت ۲۰۰ رپيا
۽ اٺ جي قيمت ۱۰۰ رپيا [۹] ۱۴ رپيا ۲-آنا ۸ پايون
[۱۰] ۹ ۳/۴ رپيا ۳-آنا ۸ پايون [۱۱] ۱۴-آنا ۵ ۳/۷ پايون
[۱۲] ۳۷ [۱۳] ۲۵۸ رپيا ۱۲-آنا [۱۴] ۱۸۰۰ ماڻهو
[۱۵] ۷۰ رپيا [۱۶] ۸۰ ميل [۱۷] ۶۲ رپيا ۸-آنا فائدو
[۱۸] ۵۰ [۱۹] ۳۵ رپيا [۲۰] ۱۷۰ رپيا [۲۱] ۵۷ خرار
۲ ڪاسا ۳ ڊتيون [۲۲] ۴ ورهه [۲۳] ۹۵ رپيا [۲۴]
۴۰۳۵ پاءُ [۲۵] ۴۹۲۲۵ سيڪنڊ [۲۶] ۶ رپيا ۸-آنا
۶ پايون [۲۷] ۱۵۹ رپيا [۲۸] ۲۰۸ رپيا ۵-آنا ۴ پايون
[۲۹] ۴۸ رپيا [۳۰] ۴۰ ڏينهن [۳۱] ۱۵ رپيا [۳۲]
۲ رپيه ۸-آنا [۳۳] ۴۰ ميزون ۽ ۴۰ ڪرسيون [۳۴]
۴۱ ۽ ۴۸ يا ۴۲ ۽ ۴۹ يا ۴۳ ۽ ۵۰ يا ۴۰ ۽ ۴۷ [۳۵]
۷۲۰ رپيا [۳۶] ۷۵ ميل [۳۷] ۴۴۸ رپيا [۳۸]
قادربخش هڪ رپيو ۽ عبدالحفيظ ۱۰-آنا ۸ پايون ۽
اميد علي ۵-آنا ۴ پايون [۳۹] ۲۰ رپيا [۴۰] ۲-۳۲ انڪر
[۴۱] ۲ رپيه ۸-آنا نفعو [۴۲] ۲ رپيا ۸-آنا [۴۳] ۳۶۶
ڏينهن [۴۴] ۵۲ رپيا هڪ آنو چار پايون [۴۵] ۲ رپيا

۱۰ آنا ۸ پايون [۴۶] ۴۰۳۱ رپيا [۴۷] ۱۴۴۶ رپيا
[۴۸] ۲۶۱۸ رپيا [۴۹] ۴۵۶۰ رپيا [۵۰] ۵۹۲۱۱
[۵۱] ۴۶۸۰۰ لفظ [۵۲] ۳۶۷ رپيا ۹ ـ آنا ۲ پايون
[۵۳] ۶ رپيا ۶ ـ آنا ۳ پايون [۵۴] ۲۳۵ رپيا ۹ ـ آنا
۳ پايون [۵۵] ۱۴۴۳ رپيا ۱۰ ـ آنا ۳ پايون [۵۶]
۱۲۲۷ رپيا ۵ ـ آنا ۳ پايون [۵۷] ۲۳ رپيا ۱۴ ـ آنا
۸ پايون [۵۸] ۶ پايون [۵۹] ۶۸۵۴۱۲ رپيا ۱۰ ـ آنا
۸ پايون [۶۰] ۲۱۷۲ رپيا ۸ ـ آنا [۶۱] ۱۰ رپيه
[۶۲] ۲۷ رپيه ۳ ـ آنا [۶۳] ۹۸ رپيا ۷ ـ آنا [۶۴]
۴ [۶۵] ۱۲۰ رپيا ۹ ـ آنا [۶۶] ۵۲ رپيا ۱۰ آنا ۴
پايون [۶۷] ۷ وال [۶۸] ۱۴۹۶ رپيا ۸ ـ آنا [۶۹]
۴۸۶۹ رپيا ۱۲ ـ آنا ۸ پايون [۷۰] ۵ تولا [۷۱] ۵ رپيا
[۷۲] ۸۸۹ رپيا [۷۳] ۷۲ رپيه [۷۴] ۲ رپيه ۱۵ ـ آنا
۱½ پايون [۷۵] ۲۶ ڊڪريون [۷۶] ۱۲ رپيا [۷۷]
۵۷ رپيا ۸ ـ آنا [۷۸] ۶۶ رپيا ۴ ـ آنا [۷۹] ۸ ڏيڍهن
[۸۰] ۶ ڊڪريون ۴ ۶ ڳٿون [۸۱] ۶۰ اجرڪ [۸۲]
۳ رپيا ڏهه آنا ۴ پايون [۸۳] ۶۶ رپيا ۴ ـ آنا [۸۴]
۲ رپيا ۵ ـ آنا ۶ پايون [۸۵] ۸۰ رپيا [۸۶] ۳۹
رپيا هڪ آنو [۸۷] ۳ رپيا [۸۸] ۳۶۲ رپيا ۱۲ ـ آنا
[۸۹] ۷۵ رپيا [۹۰] ۹۹۰ رپيا [۹۱] ۳ ورهه [۹۲]
۵ رپيا [۹۳] ۵ ورهه [۹۴] ۲۰ ورهه [۹۵] ۵ ورهه .

پورو ٿيو .

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيِءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونُ ونُ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)